

ماڪ ڦڙا لڙڪ ڦڙا

شاعري

منصور قادر جوڻيجو

SINDH RANI PUBLICATION
HYDERABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڪ ڦڙا - لڙڪ ڦڙا

(شاعري)

منصور قادر جوڻيجو

سنڌ راڻي پبليڪيشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	ماڪ ڦڙا_لڙڪ ڦڙا
شاعر	:	منصور قادر جوڻيجو
موضوع	:	شاعري
ڇاپو	:	پهريون
تعداد	:	500
سال	:	آڪٽوبر 2019ع
ڪمپوزنگ/ٽائيٽل	:	شاهزيب ميمڻ
ڇپائيندڙ	:	سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد 03013492704

قيمت: 150 روپيا

MAK PHURA_LURK PHURA
(Poetry)
By: Mansoor Qadir Jonejo
Sindh Rani Publication Hyderabad.

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

يٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد, فڪشن هائوس حيدرآباد, ادبي بورڊ بوڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد, قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد, ڪنگ پن بوڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد, ڪامريڊ بوڪ اسٽال ڄامشورو, رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو, مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو, وسيم ڪتاب گهر شڪارپور, سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر, تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس, تر ڪتاب گهر مٺي, سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد, بلوچ ڪتاب گهر قاسم آباد حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

اسان ٻه عبدالقادر جوڻيجا هئاسين،
پوءِ ڪري هڪڙو تہ لوڙي پيو،
ان ڪري عوامي شاعر استاد بخاري
مون کي چيو تنهنجا ڪم ٻه منصورن وارا آهن
تہ تخلص ٻہ **منصور** رکي
پنهنجي الڳ سڃاڻپ ڪرائي،
ان ڏينهن کان مان
منصور قادر جوڻيجو
ٿي ويس، تخلص ٻہ استاد بخاري
ڏنو تہ مان پنهنجو پهريون
شعري مجموعو ٻہ
استاد بخاريءَ
جي نالي ڪيان ٿو.

منصور قادر جوڻيجو
آڪاش پريس حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نارائڻ شيام

فڪر ايندڙ جو ڪري ورندو بہ ڪي،
موت ۾ چاهي جو ان تي سوچجي؟
الاءِ ڪهڙي گهڙي ان سان "شيام" نڪتا سين،
وطن ورڻ تہ چا، سرحد ڏسڻ نصيب نہ ٿي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري پاران

سنڌي ادب ۾ هڪ تبديلي اچي رهي آهي ته جيڪو نثرنگار آهي، اهو شاعر تي پيو ظاهر ٿئي، ته جيڪو شاعر آهي اهو نثر نگار تي پيو ظاهر ٿئي، تازو محقق ۽ شاعر تاج جويي ڪهاڻين کي ظاهر ڪري پاڻ کي ڪهاڻيڪار طور ظاهر ڪيو ۽ سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "منهنجو ڏوهه" شايع ٿيو. سنڌ جي ناماياري شاعره فهميده شرف بلوچ به اوچتو پنهنجو ڪهاڻين جو ڪتاب "تون ڪٿي آهين" ڇپرائي پاڻ کي ڪهاڻيڪار ظاهر ڪيو آهي ته وري ساڳي جاءِ تي 50 کان وڌيڪ ڪتابن جي خالق منصور قادر جوڻيجي کي ڪير شاعر سمجهندو ئي ڪونه هو پر ان وري پنهنجو شعري مجموعو "ماڪ ڦڙا-لڙڪ ڦڙا" آڻي پاڻ کي شاعر طور ظاهر ڪيو آهي. هونءَ ته اها ڳالهه طئي آهي ته هر اهو حساس ماڻهو جيڪو ٻين لاءِ احساس رکي ٿو، اهو پنهنجي اندر ۾ شاعر آهي پر اظهار ڪري نٿو ته لڪل آهي جي اظهار ڪري به ٿو ته هو پنهنجي شاعري ڊائرين تائين محمدود رکي ٿو ۽ پاڻ کي شاعر ظاهر نٿو ڪري.

منصور قادر جوڻيجو حساس دل ۽ ٻين جو درد رکندڙ خاص طور تي سنڌي ماڻهن جو درد محسوس ڪندڙ شخص آهي ۽ هن ڪنهن دور ۾ شاعري به ڪئي هئي پر هن پاڻ کي ناڪام شاعر سمجهي اها شاعري سهيڙي رکي ڇڏي ۽ هو نثر ۾ لکندو به رهيو ته بهترين ادب ترجمو به ڪندو رهيو، هاڻي جڏهن هن 50 کان وڌيڪ ڪتاب لکي ڇڏيا ۽ 50 سالن کان عمر ۾ پوئتي موٽ ڪاڏي آهي ته هن پنهنجي جوانيءَ ۾ ڪيل شاعريءَ کي نروار ڪيو آهي، جيڪو هڪ ڪتاب تي ويو ۽ منصور قادر جوڻيجي جي شاعراڻي سڃاڻپ پڻ ظاهر ٿي آهي. هڪ شاعر اهي هوندا آهن جيڪي گذريل وقت تي شاعري ڪندا آهن ته ٻيا شاعر وري ايندڙ وقت تي شاعري ڪري ماڻهن کي ايندڙ حالتن کان آگاهه ڪندا آهن، اهڙي شاعريءَ کي فلسفي شاعري چئبو آهي پر منصور قادر جوڻيجي ٻنهي صورتن يعني گذريل وقت تي به ته ايندڙ حالتن کي به شاعريءَ ۾ قلمبند ڪيو آهي، ان ڪري سندس شاعريءَ کي ڪارائتي شاعري ليکي سگهجي ٿو. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته منصور قادر جوڻيجي ڪانپوءِ ڪهڙا نثر نگار پاڻ کي شاعر طور سامهون آڻين ٿا، تيستائين منصور قادر جوڻيجو ته شاعرن جي لسٽ ۾ شامل ٿي ويو آهي.

غلام مصطفيٰ سولنگي

سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد

03013492704

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۰۰۰۰۰ ۾ مان شاعر ٿي نہ سگهيس!

مون علمي ادبي جهان ۾ پير پائڻ جي شروعات تہ شاعريءَ سان ئي ڪئي هئي، جڏهن مان ميٽرڪ ۾ پڙهندو هوس تہ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊو جام ۾ هڪ ميگزين جاري ڪيو ويو هو، جنهن ۾ منهنجي شاعري ڇپي هئي، اهو 1973 ع جو دؤر هو ۽ لطيف ميگزين ۾ ڇپيل بيت اڄ بہ مون وٽ محفوظ آهن. ان جو عنوان هو ”متان پوءِ مياري ٿين!“، ان ۾ ڇپيل منهنجو پهريون شعر هن ريت هو.

”آهي اونچو جڳ ۾ سنڌڙي تنهنجو شان،
مت نہ پانيا تنهنجي ذري ڪي جهان،
آڱي ڪيو احسان جو متي ماٿيم سنڌڙي.“

۽ آخري شعر وري هن ريت هو،

”سنڌي مرين سنڌ لاءِ تہ سنڌ سان ٿيءَ سچار،
جهڙا تهڙا پنهنجا، تون ويچا سپ وسار،
نيٺ تہ مرنديں يار، متان پوءِ مياري ٿئين!

ان ڪانپوءِ سنڌو درياءَ جي دروازن هيٺان ڪروڙين ڪيوسڪ پاڻي وهي سمنڊ ۾ ڪريو، مان اهڙا بيت لکي نہ سگهيس پر ڪڏهن ڪڏهن شاعريءَ جو ستون ذهن جي اسڪرين تي تري ايندو هيون، ۽ پگهر وانگر هوا جي هڪڙي جهونڪي تي ذهن جي اسڪرين تي ئي سُڪي ويندو هيون، طبيعت ۾ آوارگيءَ جي ڪري مان اُهي ڪاغذ جي ڪنهن بہ ٽڪري تي لاهي نہ سگهيس، جيتوڻيڪ منهنجي طبيعت شاعراڻي رهي آهي پر مان باضابطہ شاعري نہ ڪئي، مون کي منهنجو هڪ بهترين استاد سائين پير بخش بلوچ ”آرزو“ چوندو هو ڇورا تون شاعري ڪر، پر شاعري نہ ڪري نہ سگهيس.

هڪڙي ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي تہ شاعري ڏکن ۽ سورن جي سوغات آهي، هن چيو تہ ”شاعري يا تہ ڪنهن خوبصورت مرڪ مان ڦٽي نڪرندي آهي يا ڪنهن گهري گهاءَ مان نڪري نروار ٿيندي آهي“. مطلب تہ شاعري ڪا آسان يا سولي ناهي، اڄڪلهہ تہ شاعري شوق خاطر ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وجي، ٻہ چار شعر لکي ماڻهو پاڻ کي تمام وڏو شاعر سمجهي تا ويهن، پر مون ڪڏهن بہ پاڻ کي شاعر نہ سمجهيو، منهنجي چند دوستن کي خبر هئي تہ مون شاعري بہ ڪئي آهي، انهن جڏهن پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون تہ منهنجي شاعريءَ جو ذڪر بہ آيو ۽ مان پڌرو ٿي پيس.

وري جو اها خبر منهنجي دوست غلام مصطفيٰ سولنگيءَ کي پئي پوءِ تہ ايئن ٿيو جڻ ڪنهن صوبيدار کي ڪنهن ڏوهاريءَ جي خبر پئجي وڃي، مان پنهنجو ڏوهہ لڪائڻ تي ۽ هو وري ان ڏوهہ کي ڳولا ڪري اڪلائڻ تي، آخر ڪار مون پنهنجو ڏوهہ قبوليو ۽ سڀ ڪاغذ پڻ ان جي حوالي ڪري ڇڏيم، هن بہ دير ئي نہ ڪئي، تن ڏينهن ۾ شاعريءَ جو مجموعو ڪمپيوٽر تان ڪمپوز ڪرائي، منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو، بہ اکر، مهاڳ، ٽائيٽل جي پچاڙڪي الائجي ڪنهن ڪنهن کا لکرائي ڪتاب مڪمل ڪيو اٿائين.

مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ پنهنجا ڪتاب ايڏي تڪڙ ۾ ناهن ڇپايا پر غلام مصطفيٰ سولنگي جو چوڻ آهي تہ تن مهينن اندر تنهنجا ننڍا وڏا ويهہ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪرڻا آهن، مون چيو تہ اُهي تہ پئسن سان ئي ڇپبا پر هن جو خيال آهي تہ اُهي محنت، جوش ۽ جذبي سان بہ ڇپجي سگهن ٿا ۽ هن وقت تائين مان 5 مسودا ڪيس ڏئي چڪو آهيان، جن مان ٽن جا پروف اچي چڪا آهن، هو ادب ۾ الائجي ڪهڙا وڏا تجربا ڪرڻ ٿو چاهي، دل جو درد ڪٿي بہ ايترو تڪڙو ماڻهو مون نہ ڏٺو آهي، منهنجي دل ڪنٽرول ۾ آهي پر مان سست ۽ ڍرو لڳو پيو آهيان، منهنجي نہ رڳو خواهش ۽ دعا آهي تہ الله پاڪ هن کي پنهنجي عمل ۾ ڪامياب ڪري پر هن منهنجي لکڻ جي اسپيڊ تيز ڪري ڇڏي آهي.

هاڻي مان بہ ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ هن سان هٿ ۾ هٿ ڏئي اڳتي وڌان، مون کي اُميد پيدا ٿي وئي آهي تہ هاڻي منهنجو رهيل ڪم تمام جلد ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن م اچي ويندو. مان پنهنجا سڀ ٽڙيل پکڙيل ڪتابي مسودا ڳولڻ ۾ جنبي ويو آهيان ۽ هو ڪمپوز ڪرائڻ ۽ ڇپائڻ ۾ مشغول ٿي ويو آهي، بس الله کيس همت طاقت ۽ حياتي ڏئي تہ هو سڀ ڪم مڪمل ڪري سگهي.

منصور قادر جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منصور قادر جو شاعر طور سامهون اچڻ!

منصور قادر جوڻيجي جي شاگرد ليڊر، قومي ورڪر، ليکڪ، مترجم، پبلشر ۽ صحافي هئڻ وارين حيثيتن ۾ صورتن جي ته مون کي به ڄاڻ آهي، پر هو ڪو شاعر به آهي، اهو انڪشاف تازو ٿيو آهي، جڏهن غلام مصطفيٰ سولنگيءَ ۽ منصور قادر جوڻيجي، هي ڪمپوز ڪيل شعري مجموعو منهنجي حوالي ڪندي چيو ته "هن تي توکي لکڻو آهي"، هن شعري مجموعي جو مهاڳو (Title) ته پارس حميد جهڙي ڪهنه مشق ۽ سينيئر شاعر لکي ڇڏيو آهي، سو مون به مناسب سمجهيو ته پهريون صفحو، آئون قلمبند ڪريان.

منصور قادر جوڻيجو گهاڙيءَ جي جوڻيجن مان سڀ کان وڏيڪ ڪلڻو ملڻو، ڏاڍ نڪاءَ وارو، ٻڌا ٿهڪ ڏيڻ وارو، گفتي جو پڪو، هر وقت مزاح واري موڊ ۾، اندر ۾ ڪهڙا آڙاهه مٿل اٿس، سا ڄاڻ هڪ رب کي، پي ڪيس، پر جڏهن ڪنهن ظلم ۽ ڏاڍ تي ٻُر ٿيندو آهي ته محسوس ٿيندو آهي ته هي يارُ حساس اندر جو مالڪ آهي، ڇو ته حساس انسان ڪي ئي پيڙيل ۽ ڏاڍ جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙن جو دردُ ٿيندو آهي.

منصور قادر جوڻيجو ۽ آئون هڪڙي ئي رهبر ۽ هڪڙي ئي فڪر جا پوئلڳ آهيون، سن اسان جو سياسي ۽ قومي ڪعبو آهي ۽ سائين جي ايم سيد، اسان جو رهبر ۽ سونهون، پيئي قومي تحريڪ جا ڪارڪن آهيون، ڇو ته ليڊر ٿيڻ اسان ڪي اڃيئي ڪونه ۽ ٿي به نه سگهندا سون، ڇو ته جڏهن اسان جو رهبر پاڻ کي ذرو سمجهندو هو ته اسان ته ذرڙا به نه نهون، پوءِ ڇو اڏمير ۽ ڏيکاءَ ڪريون، جهڙا اندر آهيون اهڙا ٻاهر، اسان زندگيءَ جي سفر ۾ وڙهيا به ڏاڍا آهيون ۽ هڪ ٻئي تي جهلون به ڏاڍيون ڪيون اٿئون، رڳو هڪ ٻئي جا مٿا نه ڦاڙيا اٿئون، باقي ٻيون سڀ ڪارروايون ڪري چُڪا آهيون، اسان هميشه مختلف معاملن تي پاڻ ۾ اختلاف پئي رکيا آهن پر هن ڪڏهن به ميل ملاقات جي رويي ۾ تبديلي نه آندي آهي، هڪٻئي سان جنهن تي اختلاف ڪندا آهيون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪيئي ڪي برداشت ڪندا آهيون، اسان جا اختلاف حڪمت عملين جا رهيا آهن، هو محترمہ حميده کهڙو ۽ قمر يٽيءَ ڪي ويجهو ۽ آئون عبدالواحد آريسر، فهيم منگي ۽ نثار هڪڙي جو ساٿي، اسان ساڳئي فڪر ۽ منزل جا راهي هوندي بہ واٽن جي اختلاف سان اڳتي وڌندا رهيا آهيون، پر دلين ۾ دونهون ۽ منافقيون سانيي نہ سگهيا آهيون، ان ڪري جڏهن بہ مليا آهيون تہ ٿهڪن جي تاڙن ۽ ٻٽن پاڪرن جي پڪوڙ ۾ مليا آهيون، ان ڪري اسان جي حڪمت عملين جا اختلاف "ظاهر دارن" ڪي ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ آيا، اختلاف راءِ رکندي دوستن سان دوست ٿي رهڻ جو منصور کي ڏانءُ آهي، ڪامياب نثر نويس ڪان پوءِ منصور قادر جوڻيجو شاعر طور سامهون آيو آهي، پر شاعريءَ ۾ ڪنهن جو پوئلڳ آهي، سو خُدا ڄاڻي! جڏهن تہ آسيءَ ۽ منهنجو امام شيخ اياز آهي، جنهن سان منصور قادر ڪڏهن نهيو ئي ڪونہ! اهو اختلافن جو حسن ئي تہ زندگيءَ جي سُونهن آهي!

04-10-2019

تاج جويو
حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڳ بہ ساڳيوم پاڳ بہ ساڳيو

شاعري جي آسمان تي تمڪندڙ ستاري پئبلو نرودا جي لفظن ۾ تہ "سڪڻ جي عمل جي ڳولا ڪان پرنٽنگ پريس جي ايجاد ڪان اڳ اسان جي ڌرتيءَ تي شاعري ڦٽندي هئي، ان ڪارڻ ئي اسان چاھُون ٿا تہ شاعري مانيءَ جيان آهي." شاعري اندر مان ڦٽي نڪرندي آ. جيئن ٻج ڇَٽڻ ڪانپوءِ زمين ۾ سَلا ڦُٽي نڪرندا آهن، ائين بہ نہ آهي تہ ماڻهو جيترو گهڻو پڙهندو اوترو وڏو شاعر هوندو، پر شاعري پڙهيل يا اڻ پڙهيل جي ملڪيت نہ آهي، اها فقط شاعر جي ملڪيت آهي، منهنجي دوست غلام مصطفيٰ سولنگيءَ، منصور قادر جوڻيجي جي شاعريءَ بابت مهاڳ لکڻ لاءِ چيو تہ مان حيران رهجي ويس، ڇاڪاڻ تہ مان منصور قادر جوڻيجي کي هڪ سياسي ڪارڪن، ادبي ڪارڪن، هڪ اديب جي حيثيت ۾ ئي ڄاڻو، ان زماني کان جڏهن مان 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هئس ۽ منصور قادر جوڻيجو جي جوشيلي تقرير ڪرڻ ڪان متاثر ٿيو هئس، انهن ڏهاڙن ۾ منصور قادر فزيالا جي ڊپارٽمينٽ جي ڪلاسن ۾ پڙهندو هو. شاگردن پاران ڪرايل سياسي جلسن ۾ جوشيلي تقرير ڪري سيني ٻڌندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪندو هو.

منهنجي اڳيان سنڌس شاعريءَ جو مسودو پيو آهي، "ماڪ ڦڙا- لڙڪ ڦڙا" جنهن ۾ غزل، گيت، نظم، آزاد نظم، نثري نظم ۽ ٻيون صنفون شامل آهن. انهن صنفن تي اسان جي دوست منصور قادر جوڻيجي لکيو آهي، سندس مسودي جي ڏسڻ سان ائين ٿو معلوم ٿئي تہ سندس من پسند صنف نظم ۽ آزاد نظم ۽ نثري نظم آهي، ڇاڪاڻ تہ نظم هڪ اهڙي صنف آهي جنهن ۾ پنهنجي خيالن کي، پنهنجي سوچن کي پڙهندڙ تائين آساني سان پهچائي سگهجي ٿو. مان سندس هڪ نظم هتي ڏيڻ چاهيندس:

مان هڪ شاعر جو
لاوارث لاش آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنھن جو پوليس کان سواءِ
ڪو بہ وارث ڪونهي،
جيڪو اڻ ڏٺل ۽ اڻ سڃاتل آهي،
مان هڪ لاش آهيان،
هڪ شاعر جو هڪ انسان جو،
هر شاعر انسان هوندو آهي
پر
هر انسان شاعر ناهي هوندو.

سندس هي نظم هڪ شاعر مانيٽي اوني بابت آهي، جنهن جي پڇاڙي خودڪشي تي ٿي ٿئي. شاعر هڻ سماج جو باشعور فرد آهي ۽ هو سماجي بي حسي جي خودڪشي ڪري ٿو ۽ ان جو لاش لاوارث بڻيل آهي، هن نظم ۾ شاعر هڪ شاعر جي پڇاڙي واري وارتا ڪي پورٽريٽ ڪيو آهي، منصور پنهنجي شاعريءَ ۾ دنيا جي انقلابي ساٿين کي نہ وساريو آهي، جيئن آئرش ريپبلڪ آرمي جي جوڌي بوبي سندس امر موت کي پنهنجي هڪ نظم ۾ ياد ڪيو آهي:

سچ جي راھہ تي
حق جي راھہ تي
هو آ وڏي رهيو،
روشني جي اڳيان
رات ۽ سانت ۾
سوچ کان بہ اڳيان
سج کان اڳيرو
چنڊ کان اڳيرو
سچ جي راھہ تي
هيڪلو هيڪلو
هو وڏي آ رهيو
هو وڏي آ رهيو...!

منصور قادر جو انقلاب آدرش رهيو آهي ۽ دنيا جا سڀ انقلابي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منصور کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا، ڇاڪاڻ جو منصور قادر پاڻ به انقلاب پسند سياسي ڪارڪن ۽ شاعر آهي، دنيا جي انقلابين جي زندگين کي هن پڙهيو آهي ۽ ان کان اثر ورتو آهي. رومانس جي ڪيفيت شاعرن مٿان طاري هوندي آهي، شاعر سدائين محبت کي پنهنجو منشور بنايو آهي، اڇو سندس نظم هيٺ پڙهي ڏسون:

تون ئي منهنجو سج آهين
۽ مان تنهنجو سورج مکي،
جيڪي تنهنجو راهون آهن،
سي ئي منهنجون راهون آهن.
جيڪي تنهنجا سپنا آهن،
سي ئي منهنجون سوچون آهن،
تنهنجون منهنجون راهون ساڳيون،
تنهنجا منهنجا رستا ساڳيا،
تنهنجي منهنجي منزل به ساڳي،
ماڳ به ساڳيو، ڀاڳ به ساڳيو.

ائين سندس ڪيترا ئي نظم، نثري نظم ۽ آزاد نظم ڀرپور احساسن سان لبريز آهن، سندس شاعريءَ جي رنگيني رڳو انقلاب ناهي پر سندس شاعريءَ جا ڪيترائي رنگ آهن، جنهن ۾ محبت، وڇوڙا، ميلاپ، وطن دوستي، آئيندي جو اونو، جنگ ۽ امن اچي وڃن ٿا.

شاعر اڳڪٿيون به ڪري سگهندا آهن ۽ پنهنجي قوم کي الرٽ به ڪندا آهن، منصور به پنهنجي شاعريءَ ۾ ٽين عالمگير جنگ جي امڪان تي نظم لکي دنيا کي آگاهه ڪيو آهي ته جنگ جو چهرو ڏاڍو ڀوائتو هوندو آهي، جنهن ۾ ماڻهو مرندا آهن ۽ ٻار مائرن کان ڪيئن جدا ٿيندا آهن.

هڪ صدي
۽ ٻه عالمگير جنگيون
انسانيت جا ويريو ۽ امن جا نيڪيدارؤ
امن جا ويريو، سونهن جا دشمنون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او جنگي جلادو...!!
مکڙيون پاڻي مان بہ تڙن ٿيون،
پج تہ پاڻي سان بہ ڦٽن ٿا
پو ڏرتي کي انساني رت جو
ريج ڇو ۾ ڇا لاءِ.....!!؟؟

ائين سندس هن مجموعي ۾ ڪيترا ئي نظم اهم آهن، جن جي پڙهڻ سان پڙهندڙ سوچڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو. لڙڪ، لاوارث 4 حصا، آخري خواهش، مان ڏوهي آهيان جو آٽو گراف ۽ ٻيا ڪيترا ئي نظم آهن، جيڪي پڙهندڙن جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائن ٿا، سندس هن مجموعي ۾ غزل ۽ گيت بہ شامل آهن. غزل شاعريءَ جي اهم صنف آهي، هن صنف ۾ شاعري جهجهي انداز ۾ ٿئي ٿي، توڙي جو غزل ورجاءَ جي ور چڙهي ويو آهي پر پوءِ بہ ان ۾ حسناڪي نظر اچي رهي آهي، هتي مان سندس غزلن مان ڪجهہ بند ڏيندس تہ جيئن پڙهندڙ سندس غزلن جي حِظ کي ماڻي سگهي.

هيڏي ساري جڳ ۾ يارو،
ماڻهو ڪيڏو ويچارو!

❊

ٽٽندڙ ٿڪ ۾ مرندڙ مرڪون،
سوچون سڏڪا، جيون سارو.

❊

ڇوٽا ڪڪرن ۾ سج کي ويڙهيو،
هت تہ اوندهہ کي بہ روشني ٿي کپي.

❊

مون وٽ جيڪي لفظ ڇڏيا ٿئي،
تن کي ڪائي معنيٰ ڏيندس.

❊

اسان سنڌ جا ڪي ستل ساز ناهيون،
اسان جي وجودن ۾ دردن جون دانهون.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڇي وانگر پويان منهنجي، موت بہ مون سان آهي ساڻ،
پوءِ بہ ان لاءِ جيان پيو، جنهن جي مون کي ناهہ ڄاڻ.

منصور قادر جوڻيجي جا ڪجهہ غزل روايتي انداز ۾ لکيل آهن ۽ ڪي غزل جدت جي حسن کي ڇهن ٿا، سندس هڪ بہ غزل دوهي رنگ ۾ رڱيل آهن پر پوءِ بہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ سندس غزل جي شاعري روايت ۽ جدت جو سنگم آهي، سندس شاعري فڪر کان خالي ناهي، شاعري اندر جو احساس آهي ۽ ان احساس ۾ درد ۽ پيڙا سمايل آهي. منصور قادر جي شاعري جا موضوع رڳو خارجيت وارا ناهن پر اُهي داخلي احساس بہ آهن، هن جيڪي محسوس ڪيو آهي اهو لکيو آهي، ڳالهين کي رومال ۾ ويڙهي پيش نٿو ڪري، پر ڪرو سچ چئي ٿو، شعر پڙهي ماڻهو سندس شخصيت جو اندازو با آساني لڳائي سگهي ٿو تہ سندس سماج ڏانهن نظر ۽ دوستن سان رويا سچا ۽ کرا آهن، اها خوبي اهڙي آهي جو ماڻهوءَ کي متاثهون بنائي ٿي، هي اسان جو دوست جيڪڏهن شاعري ڏانهن گهڻو سنجيده ٿيو تہ سندس فن ۽ فڪر ۾ ڪيل شاعري ضرور مڃتا ماڻيندي، ڇاڪاڻ تہ لگن ۽ رجحان شخصيت ۽ فن ۾ وڌيڪ پختگي ڏيندو آهي، شاعريءَ جي دنيا ۾ سندس سڃاڻپ نئين نئين آهي پر هو اديب ۽ سياسي ورڪر پراڻو آهي، اميد تہ شاعر طور سڃاڻپ هن مجموعي اچڻ کانپوءِ وڌيڪ نروار ٿيندي ۽ شاعريءَ جي رستي تي هلندي هو ڪڏهن بہ نہ رڪبو ۽ سندس شاعراڻي ساٿ ۾ اسان سدائين سرهائي محسوس ڪنداسين، مان سندس هڪ شعر سان اجازت وٺندس تہ:

سونهن ڪو سپنو نہ آ، پر سچ آ،
هر سچائي سونهن جو سلسلو!

پاس حميد
گهر نمبر A-27
محمدي ٽائون
واڏو واهہ روڊ-حيدرآباد
03012885056

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت

سچ تہ سوريءَ تہ چاڙهائي،
پيار تہ رت سان هولي آهي،
آزادي کا سولي ناهي.
نفرت جي ڇاتيءَ کي ڇچريان،
مون وٽ اهڙي گولي ناهي،
آزادي کا سولي ناهي.
جنهن ۾ ٻڙندڙ ٻوڙها ميڙيان،
مون وٽ اهڙي جهولي ناهي،
آزادي کا سولي ناهي.
جنهن ۾ پنهنجو لاش کڻايان،
مون وٽ اهڙي ڏولي ناهي،
آزادي کا سولي ناهي.
جنهن ۾ ماضيءَ قيد ڪرايان،
مون وٽ اهڙي کولي ناهي،
آزادي کا سولي ناهي.
جنهن ۾ سنڌ جا سُور سُڻايان،
مون وٽ اهڙي ٻولي ناهي،
آزادي کا سولي ناهي.
ڏاڍ جي لاش کي پار پُڄائي،
مون وٽ اهڙي ڇولي ناهي،
آزادي کا سولي ناهي.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تو بن جِيئَڻ زهر لڳي ٿو،
قاتل تو بن شهر لڳي ٿو.

ڳاڙهي ڳل تان ڳڙندڙ ڳوڙهو،
ڄڻ ڪو گهايل شعر لڳي ٿو.

پيڙيل جذبا جُهرندڙ سوچون،
هر ڪو منظر قهر لڳي ٿو.

تون جي ناهين ڪجهه ڀي ناهي،
هر وک هر پل زهر لڳي ٿو.

لهندڙ سج جون ڳاڙهيون لامون،
ڍهندڙ شام بہ سحر لڳي ٿو.

منهنجي دل جو ڍهندڙ ڪعبو،
موهن جو ڄڻ شهر لڳي ٿو.

ڪنڊر ڪنڊر جيون سارو،
پل پل ڄڻ ڪو پهر لڳي ٿو.

❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هيڏي ساري جڳ ۾ يارو،
ماڻهو ڪيڏو آ ويچارو!

منهنجي سوچن ۽ لوچن کي،
تنهنجي مرڪن جو ته سهارو.

مکڙين جي مرڪڻ جو منظر،
ڪيڏو سندر ڪيڏو پيارو!

ٽٽندڙ ٽهڪ ۽ مرندڙ مرڪون،
سوچون سُڏڪا جِيوَن سارو.

جيوَن ڪيڏو اوکو آهي،
هَر پل من ۾ گهاءَ اڏارو!

خود پرستي هر هڪ من ۾،
هر ڪو ماڻهو اندر ڪارو.

ماڻهو سمجهي چو نه سگهن ٿا؟
ڪوئل جي ڪوڪو جو اشارو!

تنهنجي مورت سيني سانديل،
تو لئه من آ مندر سارو.

جِيوَن جنگ بنان ائين آهي،
ڪو جُهڙ بنا آ وسڪارو!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هڪ طرف زندگي، ٻئي طرف زلزلا،
روز وڌندا وڃن، موت جا فاصلا.

هر تتي ۾ ٿڌي، وک اڳتي وڌي،
پٺتي رهجي ويا، ياد ۾ فاصلا.

لڙڪ ويري سهي، مرڪ قاتل سهي،
لڙڪ ۾ مرڪ ٻئي، جِيت جا مرحلا.

پيار جي ڏيهه ۾، هار ٿيڻي نه آ،
نفرتون تهمتون، ته به وڌيا حوصلا.

ڪوڙ ۾ ڪچ سان، ناهه پنهنجو نه آ،
وقت پاڻهي ڪندو، سچ جا فيصلا.

ڪو به ناتو نه آ، ڪو به رشتو نه آ،
هڪ محبت سواءِ، ٻي مڙئي ڪربلا.

جا به مکڙي ٽڙي سا، وئي مرجهائجي،
دل جي صحرا اندر، سڀ سڙي ويا سلا.

❊

غزل

مون کي جِيئَڻ کپي نہ موت کپي،
مون کي جنبش کپي ۽ جوش کپي.

مان مرڻ لاءِ ڪونہ ٿو پيو جيئان،
مون کي مقصد ۽ منهنجو هوت کپي.

موت اچڻو آ سو پيو ايندو،
مون کي ڪنڌ رت سان پيوت کپي.

ڇو ٿا ڪڪر، م سج کي ويڙهيو،
هت تہ اوندهہ کي بہ روشني ٿي کپي.

بک بم ويڙهہ جي ٿا وات ڪڍن،
توکي مون کي بنهي مان ڪجھہ تہ کپي.

روز جيون سان جنگ جاري آ،
مون کي هڪ تون کپين ۽ جيت کپي.

ڇو شهر کي وئي آ مات وٺي،
مات بدران ڪتي جي پونڪ کپي.

روز مرڻو پيو مري ڏسبو،
مون کي جيون جي هڪڙي ريت کپي.

منهنجو مقصد آ ويڙهہ کان نفرت،
مون کي محبت کپي پريت کپي.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مون وٽ تنھنجون يادون آھن،
يادن کي تہ سنڀالي رکندس.

مون وٽ وکريل سپنا آھن،
سپنن کي ئي ساڀيان ڏيندس.

پرتون ساڀيان آھين سائين!
توکي سپنو ڪين سڏيندس!

مون وٽ جيڪي ڳوڙھا آھن،
تنھنجو سونپيل تحفو چوندس.

سونپيل تحفي کي ئي سائين!
نيڻن منجھہ لڪائي رکندس!

منھنجي دل کي گل ٿي سمجھين،
ان کان وچڙيل خوشبوءِ ٿيندس.

جنھن گل کي ڪا خوشبوءِ ناھي،
سيني تي نہ سجائي رکندس.

مون وٽ جيڪي لفظ ڇڏيا ٿئي،
تن کي ڪا ئي معنيٰ ڏيندس.

گونگا پوڙا لفظ اڌورا،
معنيٰ سان ئي سمجھي سگھندس.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پاڇي وانگر پويان منهنجي، موت به مون سان آهي ساڻ!
پوءِ به ان جي لاءِ جيان پيو، جنهن جي مون کي ناهي ڄاڻ!

مان به ته ڪوئي پتڪيل آهيان، ذات جي ڏيهه ۾ ڌور ڏسان ٿو،
رڃ ۾ سڃ سواءِ ڪجهه ناهي، ڪنهن لئه ڪوئي ناهي وٿاڻ!

روح ۾ ڪو آ جذبو جاڳيل، نيڻ به جنهن کي ڪين پسن ٿا،
رکي رکي ڪا رڙ ٻڌان ٿو، جيئن ڪو ڪنهن کي تڪي ٿو ڄاڻ.

نيڻن ۾ درياءُ به ناهي، ۽ نه ڪڪر ڪو جهڙ ڦڙ آهي،
پوءِ به ڪٿان هي لڙڪ ڪرن ٿا، اڻڄاتل ڪنهن پاڇي ڪاڻ!

تصور ماضيءَ ڏي موتي ٿو، ڌرتيءَ تي ڪو نقش ڏسان ٿو،
تڙ ۾ ويٺي پيرون ميڙي، ڇڻ ڪا وينگس جواڻ جماڻ!

هر ڪو پنهنجي لاءِ پتوڙي، نُور نچوئي جان ولوڙي،
ڪو به نه ڪنهن جو ساٿي آهي، ڪنهن جي ڪنهن کي ناهي ڪاڻ!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هر دؤر جي ظالم دوکي ۾، سنڌ وطن کي پئي ماريو آ،
ڪنهن ڏاريو سمجهي ڏار ڪيو، ڪنهن پنهنجو ڄڻجي ماريو آ!

ڪو ڪيچان ڪاهي ڏير سڏائي، ڏاڍ ڪَيا، ڏهڪاءُ وڌا،
ڪنهن سسئي ڄڻجي سور سٺا، ۽ ڏاڍ جو ڏونگر ڏاريو آ!

ڪنهن عزم چپائي چاتيءَ ۾، ۽ سينا تاڻي سامهون ٿيا،
ڪن ٻڙچيون پالا هٿ ڪري، هت طوفانن کي تاريو آ!

ڪنهن سيني تي ڪو گهاءُ ڏسين، سو پڪ سچاڻج پنهنجو آ،
ڪو گهاءُ ٻنان همراهه ڏسين، سو ڄاڻج ڏيهه ڏڪاريو آ!

آ سير ۾ ڪا ئي وير اُٿي، هر لهر ۾ ڏاڍو لُڙ آهي،
آ سمنڊ ۾ ڏاڍو سور اٿيو، هي ڪنهن طوفان اٿاريو آ!؟

اي سنڌو تنهنجي چولين ۾، مون ورهن جا ورلاپ ٻُڌا،
مون ڪُن ڪُن ۾ ڪڙڪات ٻُڌا، ڪنهن پنهنجو پاڻ کي ماريو آ!؟

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جڏهن چنگ چارڻ تو چوريو نہ هئو،
تڏهن کان ئي تنهنجون تنوارون هيون.

جڏهن ڪو بہ آدم، نہ هئي ڪا حوا،
تڏهن پريت جون هت پچارون هيون.

جڏهن ڪو بہ ڪانئر نہ هئو ڪرم ۾،
تڏهن هت هنجن جون اڏارون هيون.

جڏهن هت ڪو ڌرتيءَ ڌڪاريو نہ هئو،
تڏهن سنڌ ڌرتيءَ جون سارون هيون.

جڏهن سنڌ جا سپئي سورهيہ اٿيا،
تڏهن دشمنن لاءِ ڌڪارون هيون.

جڏهن ظلم ظالم جو هئو زور تي،
تڏهن کان هتن ۾ ترارون هيون.

جڏهن ڪو بہ ڦاٽو نہ ڦٽڪيو هئو،
تڏهن کان پيل چار چاريون هيون.

ڪڏهن موت "منصور" ڪاڏي نہ تو،
مرڻ جون تہ توتي ميارون هيون.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جتي آسمان چنڊ تارو نہ هوندو،
۽ ڌرتيءَ جو سچو سهارو نہ هوندو.

جتي تو بہ مرڪي ڪنيا نيڻ هوندا،
اتي ڪو بہ اپريو ستارو نہ هوندو.

جتي چنگ چارڻ وڄايو هوندو،
اتي سر ڏنو ڪنهن اڏارو نہ هوندو.

جتي تنهنجي جِيوَن جا آثار هوندا،
اتي ڪو بہ سيارو اونهارو نہ هوندو.

روئڻ لاءِ هر ڪو تہ روئي سگهي ٿو،
اسان جي اکين ڪي ڪنارو نہ هوندو.

جتي لوهہ جان ڪٽ نہ دل کي لڳي ٿي،
اتي ڪو بہ اندر جو ڪارو نہ هوندو.

جتي دل مٿان آ دماغن جو پهرو،
اتي اک جو ڪوڙو اشارو نہ هوندو.

جتي زندگيءَ کي ڪو مقصد ملي پئي،
اتي موت جيوَن کي پيارو نہ هوندو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اسان سنڌ جا ڪي ستل ساز ناهيون،
اسان جي وجودن ۾ دردن جون داڻهون.

اسان کي نه چوريو اسان کي نه پوريو،
اسان ڪنهن جي راهن جا پٿر ته ناهيون.

اسان کي نه روڪيو اسان کي وڃڻ ڏيو،
اسان لاءِ ڦٿڪن پيون ڪيئي ڦاهيون.

اسان جي اکين جا ڪنارا ته ناهيو،
اسان کي ڳڙڻ ڏيو جو ڳوڙها ته آهيون.

پلي اک جو سپنو ئي بڻجي رهڻ ڏيو،
اسان ڪنهن جي اک جا ڪي ڪنڊا ته ناهيون.

اسان جي ئي دل ۾ گذر گاهه جوڙيو،
اوهان لاءِ ڪائي جدا واٽ ناهيون.

اسان رات جي سانت ۾ چير چمڪو،
اسان دل جو ڌڙڪو اسان لاٽ آهيون.

اسان کي هٿائڻ ڏکي ڳالهه ناهي،
اسان ڪنهن جي من جي ڪا منزل ته ناهيون.

اوهان جي نيڻن ته پوڙيو اسان کي،
اسان ڪنهن کي پوڙيون ڪي درياءَ ته ناهيون.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

زخم زندگيءَ جا بہ سرتي سناسين،
مئاسين جياسين، مگر چپ رهياسين!

اُلادرد دل جا جي بڻجي اتيا ٿي،
چندا ڪيئي ڳوڙهن جا تن تي چٽياسين!

رئڻ تي بہ بندش، کلڻ تي بہ بندش،
اسان بندشن ۾ بہ جيئندا رهياسين!

گلن ۾ رهي پوءِ بہ زخمي ٿيا هو،
ڪنڊا ڀي اکين ۾ لڪائي چڏياسين!

ڪڏهن جيت ڀي هار بڻجي پوي ٿي،
مقدر تي ڪلندا ۽ روئندا رهياسين!

ڪڏهن موج بڻجي ڪڏهن لهر بڻجي،
ڪنارن کي توڙي ٻہ لوڙهي وياسين!

چرپائپ جي رسمن ۾، رهندي بہ يارو،
محبت جي مقصد ۾ رخنو نہ ٿياسين!

ڪنڊن ۽ گلن ۾ فرق ڪجھہ بہ ناهي،
صدين کان ئي فرقن ۾ قربا رهياسين!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

دوستو! طوفان تي اڳتي وڌو!
موت کو مهڻو نہ آ، منزل رسو!

زندگي آ موت کان وڇڙيل کو خواب،
زندگي ۾ موت سان گڏجي هلو!

منهنجي دل مندر نہ آ، مسجد نہ آ،
دفن منهنجي دل اندر موهن دڙو!

ڪنهن ڦريو آ سنڌ کي ڪنهن آ ڪٺو؟
ڪهڙو چهرو سرخ آ رت ۾ ڏسو!

رات کي پل ڏينهن کو چوندو رهي،
پاڻ کي روشن رکو پرندا رهو!

سونهن کو سپنو نہ آ، پر سچ آ،
هر سچائي، سونهن جو آ سلسلو!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبر تائين

اوهان ساڻ گهاريل گهڙيون زندگيءَ جون،
اوهان جو ئي ماضي اوهان جون ئي يادون،
وسارڻ جي چاهيان، وساري سگهان ٿو-
مگر مان ٿو ڪيان...!!

هي نيڻن جي ڪڪرن مان لڙڪن جا موتي،
پرهه جو گلن تي پيل ماڪ وانگي،
سي برسات بڻجي وسڻ جي ٿا چاهن،
وسائڻ جي چاهيان، وسائي سگهان ٿو-
مگر مان ٿو ڪيان...!!

ها! گلڙن ۽ مکڙين کي تارين مان ٿوڙي،
سي رودن تي اڇلي، مروڙي سروڙي،
۽ پيرن جي هيٺان لتاڙي ستاڙي،
چيپاڻڻ جي چاهيان، چيپاڻي سگهان ٿو،
مگر مان ٿو ڪيان...!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها! سڏڪن ۽ لڙڪن کي ٿهڪن ۾ سائين!
پنل چنڊ چهري کي مرڪن ۾ سائين!
جواني ۽ جوڀن جي جذبن کي سائين!
لِڪائڻ جي چاهيان، لِڪائي سگهان ٿو.
مگر مات آهيان...!!

اکين کان ٿي انڌو،
زبان کان ٿي گونگو،
ڪنن کان ٿي ٻوڙو،
ها! ڏرتيءَ سڄيءَ کي مان فرياد پنهنجو،
ٻڌائڻ جي چاهيان ٻڌائي سگهان ٿو.
مگر مات آهيان...!!

اوهان جي ٿي گذريل ۽ آئيندي خاطر،
اوهان جي ٿي جِيوَن ۽ جوڀن جي خاطر،
اوهان جي ٿي عزت ۽ شهرت جي خاطر،
اکين کي ڪڍائي، زبان کي وڍائي،
سدا چپ رهندس ۽ خاموش رهندس،
قبر تائين سائين!
قبر تائين سائين!!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وساريل ڪو سپنو

اسان کي ٿا سمجهو،
جي راهن جو پٿر،
وساريل ڪو ماضي، وساريل ڪو سپنو،
ماضي ۽ سپنا تہ وسري سگهن ٿا،
جِيوَن جي پُر خار راهن تي سائين!
پيل ڪيئي پٿر بہ ٿڏجي سگهن ٿا،
هتي ڪونہ سگهندا،
هتي ڪونہ سگهندا.

اسان کي ٿا سمجهو،
جي راهن جو پٿر،
۽ طوفان ٻڌجي هٽائڻ ٿا چاهيو،
هٽائڻ کان اڳ ۾ اهو سوچي ڇڏجو،
هماليہ کي آڏو هٽائڻ ڏکيو آ...!!
ورهين کان آ ڪعبي اندر ڪوئي پٿر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها! انسان آڏو سو شيطان بڻجي،
هزارين هٿن کان، ڪروڙين ڪنڌن کان،
رهيو آهي اونچو،
رهيو آهي ارڏو!
ورهين کان پٿر جي تنهن شيطان آڏو،
نفرت جا پٿر ڪٽڻ لاءِ سائين!
ڪي انسانيت جا پوڄاري جهڪيا هن،
ها! نفرت جا پٿر،
ڪٽڻ ۽ هٽڻ لاءِ.....!!
تڏهن پيي پٿر جي، تنهن شيطان کي سائين!
سي نفرت جون پٿريون تہ پنهنجي جڳهہ تان.
هٽائي نہ سگهيون، مٽائي نہ سگهيون،
هٽائي نہ سگهنديون،
مٽائي نہ سگهنديون.

پٿر جي تنهن بت کي هو شيطان سمجهي،
انسان ڪيڏي نہ نفرت ڪري ٿو،
مگر پوءِ بہ پٿر جو شيطان سائين!
ارادن تي قائم ۽ اونچو رهي پيي،
سو نفرت سان ڪيڏي نہ نفرت ڪري ٿو،
ها! نفرت سان ڪيڏي،
محبت ڪري ٿو.....!!
دلين آڏو نفرت جي ديوار سائين!
محبت جي چاهي، هٽائي سگهي ٿي،
وجودن جي آڏو، هي ويڇا وڇوٽيون،
محبت جي چاهي، مِٽائي سگهي ٿي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر نفرتن سان هنيل پٽريون ڪي،
محبت ارادي ڪي ڏاهي نہ سگهنديون.
اسان ڪي ٿا سمجهو،
جي راهن جو پٿر،
۽ طوفان بڻجي هٽائڻ ٿا چاهيو،
هٽائڻ کان اڳ ۾ اها سوچ رکجو،
تہ شيطان ڪي اڏو هٽائڻ ڏکيو آ،
اسان ڪي جي راهن جو پٿر ئي سمجهہ،
جي راهن تان پنهنجي هٽائڻ ٿا چاهيو.
تہ نفرت سان ڪڏهين هٽائي نہ سگهندؤ.
ڪنهين جي دلين مان محبت ڪي سائين!
هٽائڻ جي چاهيو گهٽائڻ جي چاهيو،
هٽائي سگهو ٿا گهٽائي سگهو ٿا،
محبت سان سائين،
محبت سان سائين.....!!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد نظم

سچ جا ويريو!
چنڊ جا دشمنو!
ڪنهن کي مارڻ ٿا چاهيو تہ ماري ڇڏيو،
ڪنهن کي پيڙڻ جي چاهيو تہ پيڙي ڇڏيو،
چنڊ ڪان روشنيءَ کي ڇني ڌار ڪيو،
سچ کي اپ تان پل هڪالي ڇڏيو،
پر ٻُڌو دوستو!
پر ٻُڌو دشمنو!
سمجهہ ۾ سوچ کي، ڌيان ۾ غور سان،
سچ ۾ حق کي، ڪوڙ ۾ ڊوهہ سان،
پريت ۾ لوچ کي، قيد ۾ لوهہ سان،
ڪو نہ جڪڙي سگهيو، ڪو نہ ماري سگهيو،
ڪو نہ پڪڙي سگهيو، ڪو نہ ڏاري سگهيو،
سچ جيئندو رهيو، پيار جيئندو رهيو،
موت آخر مئو،
ڪوڙ آخر مئو.
او ڪانئر! او ڪوڙا! او نوڳي ٻڌو!
اوهان سچ کي ڪاري جي هيٺان او سائين،
لڪائڻ جي چاهيو لڪائي سگهو ٿا،
مگر روشنيءَ کي لڪائي نہ سگهندا.
اوهان سُئيءَ جي سوراخ مان ڪوئي هاٿي،
ٽپائڻ جي چاهيو، ٽپائي سگهو ٿا،
پوءِ ممڪن نہ آ، سو بہ ممڪن نہ آ.
اوهان هٿ جي لوهہ جهڙيءَ ترِيءَ تي،
اهي وار ڪارا، اهي سچ ڪارا،
اپارڻ جي چاهيو اپاري سگهو ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر اپ سواءِ سچ اپري نہ سگھندو،
اوهان سمنڊ کي هر سنڌي نوڪ سان،
ڪيڙائڻ جي چاهيو، ڪيڙائي سگهو ٿا،
مگر ڪنهن بہ ظالم سان مظلوم جو ناهہ،
ڪرائڻ جي چاهيو،
ڪرائي نہ سگهندا.
اوهان ڪنهن بہ نظريي عقيدي کي سائين،
اوهان ڪنهن جي سوچڻ ۽ لوچڻ کي سائين،
زنجيرن سان جڪڙي ۽ پڪڙي نہ سگهندا.
اهو ان ڪري جو،
زهر سقراط کي ڪين ماري سگهيو،
صرف جِيوَن ڪسي، سوچ ۽ لوچ کي،
موت جي عمر کان وڌ جياري ڇڏيو.
او ڪانئر! او ڪوڙا! اوتو ڳي پڌو!
بک بوبيءَ جي نظريي کي نہ ماري سگهي،
فڪر جي اپ تي سوچ جي سچ جيان،
هو جيئي تو پيو، هو امر ٿي ويو،
سچ جي راهہ تي،
حق جي راهہ تي.
هو وڏي آ رهيو، روشنيءَ جي اڳيان،
رات ۾ سانت ۾، سوچ کان پي اڳيان،
سڄ کان اڳيرو، چنڊ کان اڳيرو،
سچ کان اڳيرو، سوچ کان اڳيرو،
سچ جي راهہ تي، هيڪلو هيڪلو،
هو وڏي آ رهيو،
هو وڏي آ رهيو.....!!

❊

(آئرش ريپبلڪ آرميءَ جي مهان جوڌي، بوبي سينڊس جي امر موت تي لکيل آزاد نظم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد نظم
”مان ڏوهي آهيان اُوندهہ جو!“

ماڻهو ماڻهوءَ جو آ ويري،
سچ جي ڪوڙي چادر چاڙهي،
پنهنجي نينهن تي ننهن ڏئي هو،
پنهنجو قاتل پاڻ بڻجي ٿو.
رات جي ڪاري اونداهيءَ ۾،
پنهنجي شعور جو لاش لتاڙي،
پنهنجي عزت پاڻ لٽي ٿو.
پيٽ جي خاطر عزت وڪڻي،
جِيوَن سان نئون ناهہ ڪري ٿو،
ڀوڳ ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو-
”منهنجو ضمير بي ڏوهي آ“
پر او ڏوهي ۽ بي ڏوهي!
تو وٽ جيڪو تصور آهي،
”ڏينهن ڏسي ٿو،
رات انڌي آ!“
پر او ڏوهي ۽ بي ڏوهي!
اوندهہ ڪي پي اکيون آهن،
راتيون انڌيون ٿينديون ناهن،
رات تہ ڏينهن جو پڙدو آهي،
جڏهن بہ پڙدو چاڪ ٿئي ٿو،
ڏوهہ بہ سچ جيان او ساتي!
اوپر بڻجي ايري پئي ٿو،
ڪاريءَ رات جي ڪُک منجهاران،
ايئن ڦٽي ٿو،
جيئن:
”آدم جي ڪُک مان حوا.....!!“

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسانيت

اڳهه انسان جو ڪيترو آ ڪريو،
پوءِ به ٻڳوان ٿيو پوڄجي پيو اڃان!
نفرتون، ذلتون، ظلم، بربادين،
محبتون، چاهتون،
پيون ٿيون چيپياتجن،
هر وک، هر واٽ ۽ هر راهه تي،
بم، بارود ۽ باهه ايتم پري،
سچ پيو ٿو سڙي،
سونهن پئي ٿي سڙي،
ٻُک، او گهڙ ۽ آوارگيءَ جي اڳيان،
پيار پيو پيڙهه جي، پاپ پيو ٿو پلي،
سونهن ۽ سچ ٽانڊن مٿي پيا پچن،
ڪيئي جِيوَن ۽ جوين جوانيون نچن،
پوءِ به نعرن مٿان پيا ٿا نعرا هڻن:
حق انسانيت جو ورائي ڏيو!
سونهن ۽ سچ کي آزادي ڏيو!
سوچ ۽ لوچ جا قيد ڦهري ڇڏيو!
پيار ۽ پريت جا قيد ڦهري ڇڏيو!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگي جلادن جي نانءِ

هڪ صدي،
ٻه عالمگير جنگيون،
انسانيت جا ويريو ۽ امن جا ٺيڪيدارؤ!
امن جا ويريو! سونهن جا دشمنو!
او جنگي جلادو.....!!
مڪڙيون پاڻيءَ سان ٻه ٽڙن ٽيون،
ٻج تہ پاڻيءَ سان ٻه ڦٽن ٿا،
پوءِ ڌرتيءَ کي انساني رت جو،
ريج ڇو ٿا ڏيو.....!!؟
چوڌاري بم ۽ بارود جي بدبوءِ ۾،
وکريل انساني لاشن جا ڍير،
انساني لاشن مٿان،
ٻڪايل ڳجهن جا لامارا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسانيت جي شڪست ۽ موت.
جو جيئرو ثبوت.
بم بارود ۽ هٿيار.
انساني جذبن جي هار.
لاشن جي ڍيرن تي امن جا گيت.
انسانيت جي بيوقوفيءَ جو ثبوت.
۽ آخر ڪار.
هر جنگ جو نبيرو، هر موت جو نبيرو.
ميدانِ جنگ بجاءِ،
گول يا ڊگهي ٽيبل تي.
لاشن جي ڍيرن بجاءِ،
ڪاغذ جي ڍيرن تي.
بندوق جي نڪاوَن بجاءِ،
زبان مَان نڪتل لفظن جي گونج ۾.
انسانيت جي وحشت،
انسانيت جي هار. حيوانيت جي جيت!

❊

(ٽئين عالمگير جنگ جي امڪانن تي لکيل نظم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُورج مُکي

تون ئي تہ منهنجو سج آهين۔
۽ مان تنهنجو سُورج مُکي،
جيڪي تنهنجون راهون آهن،
سي ئي منهنجون راهون آهن،
جيڪي تنهنجا سپنا آهن،
سي ئي منهنجون سوچون آهن،
تنهنجون منهنجون راهون ساڳيون،
تنهنجا منهنجا رستا ساڳيا،
سوچون ساڳيون، سپنا ساڳيا،
تنهنجي منهنجي منزل ساڳي،
ماڳ بہ ساڳيو، پاڳ بہ ساڳيو.
او روشن سورج!
پوءِ اچ تہ تون ۽ مان،
هٿ هٿ ۾ ڏيئي،
اڳيان وڌون، منزل طرف!
تنهنجو جاڏي رخ آهي،
منهنجو تاڏي مک آهي.
ماڳ ڏي آڳ ڏي، آ تہ گڏجي وڌون!
روشن جِيوَن جي راهن تي،
گڏجي اڳتي وڌون.....!!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لُڙڪ

جنهن بہ ميدان تي،
ڪا بہ جنگ لڳي ٿي،
پڪ ڄاڻو تہ،
اتي عورت جي ئي،
سوچن ۽ سپنن جو،
خون ٿئي ٿو، رت وهي ٿو.
ڪنهن ماءُ جو پٽ ڪسي ٿو،
۽ ڪنهن ڀيڻ جو ڀاءُ رسي ٿو.
۽ ڪنهن وريتيءَ جو ور مري ٿو،
جنگ بعد لڙڪن ڪانسواءِ،
عورت وٽ ڪا بہ ملڪيت نٿي بچي...!
لڙڪ عورت جي اداس اک جو،
آخري ۽ امر نذرانو آهن...!
هن ڌرتيءَ جي ڄاتيءَ تي،
جيڪي ٿي حصا پاٽي ۽ هڪ حصو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتي آهي،
نديون ۽ سمونڊ آهي.
تن ۾ سڀ عورت جي اک جا اجايل،
لڙڪ ۽ ڳوڙها آهن...!
۽ جيڪا پرھ ڦٽيءَ جو مکڙين تي،
ماڪ وسي ٿي،
سي به اونداهي ۽ ڪاري رات.
۾ رئندڙ ڪنهن ماءُ،
ڀيڻ ۽ زال جا ئي لڙڪ آهن!
۽ اڀ ۾ جيڪو ڇُهڙ ڦُڙ ڪانپوءِ،
مينهن پوي ٿو، سو به پاڻي،
ڪڪرن جي ٽڪراءَ ۾ مرندڙ،
ڪنهن مخلوق جي ماءُ، ڀيڻ ۽ زال.
جا ئي لڙڪ ۽ ڳوڙها هوندا،
مون کي ۽ توکي ان جي پڪ آهي.

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپ فتح ڪر...!

ڏيئو ٻڌجي ﭘرڻ ٿو چاهين،
ڌرتي روشن ڪرڻ ٿو چاهين،
ﭘاڳل آهين چريو آهين...!!
ماڻهو ڏاڍا تنگ نظر هن،
جيڪي توکي ﭘرڻ نہ ڏيندا،
ڦوڪون ڏيئي توکي سائين!
اوندهہ آڏو ڌڪي ڇڏيندا.
ڌرتي اونداهي جو آهي،
ماڻهون اوندهہ جا هن عادي.
طوفانن جون تيز هوائون،
اوندهہ جون ساٿياڻيون آهن،
ڏاڍيون سي ساڙيليون آهن،
توکان روشن لاٽ کسينديون،
توکان روشن واٽ کسينديون،
ﭜاٽ اونداهي هٿ ۾ ڏينديون،
جيڪا واٽ لئہ ويري آهي.
تون جي دنيا آڏو سائين!
روشن ٻڌجي ﭘرڻ ٿو چاهين،
طوفانن جي تيز هوا ۾.
ڦوڪن کان بہ بچڻ ٿو چاهين،
سِجَ جيان ۽ چنڊ جيان،
ﭘهرين هڪڙو اُپ فتح ڪر...!
اونداهيءَ کان ڏور رهي تون،
طوفانن کانُ ڏور رهي تون،
اُپ تي ويهي روشن رهہ تون!
سِجَ جيان ۽ چنڊ جِيان،
ڌرتي ساري روشن ڪر تون!
سورج ٻڌجي،
چنڊ ٻڌجي.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري خواهش

جڏهن مون کي پڪ ٿي،
تہ منهنجون اٽيون اکيون،
منهنجي پنهنجي موت تي روئي بہ گهڻ ٿيون،
تڏهن مان هڪ گهڙي بہ جيئرو نہ رهندس.
زندگيءَ جو ساٿ ڇڏي،
موت جي آجيان ڪندس.
اها ئي منهنجي تنها جيون جي،
ننڍڙي ۽ آخري خواهش آهي.
جڏهن تہ مون کي ڄاڻ آهي،
تہ ننڍڙن ماڻهن جون،
ننڍڙيون خواهشون بہ،
پوريون ناهن ٿينديون!
۽ اڄ جڏهن تو چيو،
تہ.....!!
"تون سڏ آهين، ۽ مان پڙاڏو.
تون گل آهين، ۽ مان خوشبوءِ.
تون چنڊ آهين ۽ مان روشني!"
تون منهنجي وجود اندر،
ايئن پوريل آهين،
"جيئن سنڌ ڌرتيءَ! جي وجود اندر،
لطيف، سچل ۽ سامي"
۽ اهي هڪ ٻئي جي وجود اندر،
ايئن پيهي ويا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن:
”مارئيءَ جي وجود اندر،
ماروئڙن جي محبت.
سڪ ۽ اڪير!“
تيئن....!!
تون منهنجو وجود آهين، ۽ مان تنهنجو،
تون منهنجو جِيوَن آهين، ۽ مان تنهنجو!
هاڻي جڏهن توکي منهنجي،
۽ مون کي تنهنجي پڪ ٿي وئي آ،
تڏهن:
هاڻي تنهنجون اکيون منهنجون،
۽ منهنجون اکيون تنهنجون آهن.
ان احساس بعد،
هاڻي مان مرڻ ٿو چاهيان،
ڇو تہ،
هاڻي مون کي پڪ آهي،
تہ مان پنهنجي موت تي،
روئي سگهان ٿو.
رت جا لڙڪ لاڙي سگهان ٿو،
ڇو تہ،
تنهنجون اکيون بہ،
منهنجون آهن.
۽ اها ئي منهنجي آخري خواهش آهي،
”تہ مان پنهنجي موت تي،
روئي سگهان...!“

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جي اُپ تي...

ويراني ۾ رڻ پٽ ۾ تون،
ڌرتيءَ جي سيني تي اپريل،
ٽڙيل هڪڙي مکڙي آهين!
جنهن ۾ ڪوڙي خوشبوءِ آهي،
بدبوءِ ناهي...!!
(ڌرتيءَ هوندي تنها آهين...!!)
پر جي تو ۾ بدبوءِ ٿئي ها،
بدبوءِ ماڻهن کي نہ وڻي ها،
ماڻهو چرڪي پڇي وڃن ها،
تڏهن بہ سائين،
مان ئي توکي،
پنهنجي زخمي وجود تي سائين!
پنهنجي قاتل ڪوٽ مٿان ئي،
سيني پرسان،
دل جي اپ تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سج ۾ چنڊ جيان او سائين!
ڪينجهر ۾ ڪنهن ڪنول جيان،
سيني تي ئي سجايان ها مان...
تنهنجي ڇيپيا ٽيل جِيوَن ڪي،
هٿ ۾ مر جهائڻ جي بدران،
سيني تي نئون جِيوَن ڏيان ها،
جِيوَن ۾ نئون جوڀن ڏيان ها.
ڇو جو آخر مون آڏو تون،
ڳل جو ئي تہ تصوّر آهين،
جنهن ۾ ڪوڙي خوشبوءِ هوندي،
ڪائي سچي ساڀيان آهي،
جيڪا اٽل حقيقت آهي.
منهنجي آڏو تون ئي سائين!
هڪڙي سچي ساڀيان آهين،
مون آڏو تون ساڀيان آهين،
منهنجي سنڌو،
منهنجي ماتا!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آٽو گراف
(چنڊ گرهڻ... منهن گرهڻ)

اڄ چنڊ گرهڻ آهي،
اڄ روشن چنڊ ڪارو ويس اوڍي،
ناخدائن جي خدائيءَ خلاف،
”ڪارو ڏينهن“ ملهائي،
احتجاج جو علم بلند ڪندو...!!
اڄ چنڊ جي ڪِير جهڙي اڇي،
۽ سڄ جهڙي روشن چهري تي،
ڪنهن تئي جو تر گُهمائي،
ان جو منهن ڪارو ڪيو ويندو...
چنڊ جي روشن منهن مٿان،
ڪاراڻ جو گارو مليو ويندو...
اوندهه جو ليپ ڏنو ويندو،
چنڊ جي خوبصورتيءَ مٿان،
بدصورتيءَ جو نقاب چاڙهيو ويندو.
۽ دنيا وارن کي محسوس ڪرايو ويندو،
ته روشنيءَ جو تصوّر ڏيندڙ،
چنڊ به،
ڏوهي ٿي سگهي ٿو...!!
امن جا گيت گونجائيندڙ، گنهگار به ٿي سگهي ٿو...!
ان ڏوهه ۾ ڊوهه جي ڪري،
چنڊ جي سِڄ جهڙي،
روشن منهن تي تئو گُهمائي،
دنيا آڏو نمائش ڪئي ويندي...
مان به چاهيان ٿو ته...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون مونکي منهنجون هڙئي لکڻيون،
جيڪي تو وٽ،
منهنجي جِيوَن جو سانديل سرمايو آهن،
منهنجي آخري امانت،
پاڻ وٽ سانڍڻ بجاءِ،
پنهنجن ئي هٿن سان انهن کي،
تيلي ڏيئي ساڙي،
انهن جي ڪاري رک،
مونڏانهن موڪلي ڏجانءِ!
جيئن مان اها ڪاري رک،
چنڊ جيان،
پنهنجي سڄ جهڙي روشن،
۽ کير جهڙي اڇي منهن تي ملي،
چنڊ گرهڻ بجاءِ، منهن گرهڻ ڪندس.
۽ دنيا وارن آڏو،
پنهنجي منحوس منهن جي،
نمائش ڪندس...
جنهن کي دل، زبان ۽ جذبن.
دنيا وارن آڏو بدنام، رسوا،
۽ خوار ڪيو آهي...
جڏهن چنڊ گرهڻ ٿيندو آهي،
تڏهن ڌرتي ۽ آڪاش،
اونداها ۽ تاريڪ بڻجي ويندا آهن ۽،
روشني بہ اونداهي بڻجي وڃي ٿي...!
روشن جذبا،
روشن دليون،
۽ روشن زبانون،
اونداهيون بڻجي وڃن ٿيون...!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پر مُنهن گرهڻ ڪرڻ سان،
صرف ڏرتيءَ مٿان رهندڙ،
هڪ ماڻهوءَ جو وجود ئي-
اونداهو ۽ تاريڪ بڻجي ويندو...
۽ مون جڏهن تنهنجي روح جو راز،
پروڙي ورتو-
تڏهن چاهيم ته،
مان منهن گرهڻ ڪريان...
نه ته ڪو به سچو جذبو، سچو رشتو،
هن اونداهي ڌرتيءَ تي روشن نه رهندو.
مان نٿو چاهيان ته-
سڀ رشتا، سڀ جذبا،
اونداها ۽ تاريڪ بڻجي،
روشنيءَ جي تصوّر کي گرهڻ ۾،
ڍڪي اونداهو ڪري ڇڏين...
مان هن اونداهي ڌرتيءَ مٿان،
سج جي ڪرڻن کي، پرهه جو پيل،
ماڪ جي ڦڙن جيان،
مکڙين مٿان،
مهڪندو ڏسڻ ٿو چاهيان-
۽ اها ئي منهنجي جِيوَن جي خواهش آهي،
آس ۽ تمنا آهي...

❊

(ان بي نانءَ هستيءَ جي نانءَ، جنهن کي چاهيندي به ڪو نانءُ ڏئي ناهيان سگهيو،
ان رشتي جي نانءَ، جنهن سان ڪيئي رشتا هوندي به ڪو رشتو ناهي رهيو!)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھيئي پاڇا مرڪڻ وارا

ميٺھوڳيءَ جي موسم ۾ ڪلھہ،
جھڙ ڦُڙ ۾ ڪڪرن جي ھيٺان،
ڪارن واسينگن وارن ۾،
ھٿڙو ڦيري تو تہ چيو ھو:
”بوند پريءَ برسات ۾ ڀيڻل،
ستن رنگن واري انڊلٺ ڏي!“
اڪ ڪٽي اشارو ڪيو ھو،
۽ ڏرتيءَ جو قسم کٽي تو،
وچن ۾ ڪوئي واعدو ڪيو ھو،
تہ.....!!
”گڏ ھونداسين، گڏ رھنداسين،
گڏ جيئنداسين، گڏ مرنداسين.“
تو تہ چيو ھو،
ميٺھوڳيءَ جي موسم ۾ ڪلھہ،
جُھڙ ڦُڙ ۾ ڪڪرن جي ھيٺان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارن واسينگن وارن ۾،
هنڙو ڦيري تو تہ چيو هو:
”گڏ هونداسين، گڏ رهنداسين،
گڏ جيئنداسين، گڏ مرنداسين“
پرهہ ڦٽيءَ ۾ ماڪ ڦڙي جو،
۽ ڪنهن مُرجهايل مکڙيءَ جو،
قسم کڻي ڪلهہ تو تہ چيو هو،
چوڏهين رات جي چانڊوڪيءَ،
تارن وچ ۾ بيٺل چنڊ جو.
قسم کڻي ڪلهہ تو تہ چيو هو.
۽ د[illegible]ن ٽڙيل ٻاڙهي گل جي خوشبوءِ جو،
قسم کڻي ڪلهہ تو تہ چيو هو:
”گڏ جيئنداسين،
گڏ مرنداسين!“
ڪالهہ جڏهن ان چانڊوڪيءَ جي،
تنهائيءَ ۾
جڏهن اسان جي، تنهنجي منهنجي،
پاڇي وچ ۾،
ڪا بہ وٿي ۽ وٿ نہ هئي ڪا،
تنها تنها وياڪل وياڪل،
ڌرتي ۽ آڪاش جي وچ ۾،
ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي بيٺل،
بيئي پاڇا، تنها تنها،
چپ چپن سان ڳنڍيل هئا پئي،
۽ ڪا ازل جي مُرڪ مڙيل هئي،
ٻنهي لبن تي،

تنهن مرڪڻ واري منظر جو،
قسم کڻي ڪلهہ تو تہ چيو هو:
”گڏ جيئندا سين، گڏ مرندا سين!“
مون تہ تصور ۾ پئي سوچيو،
پيئي پاڇا مرڪڻ وارا،
گڏ ئي جيئندا گڏ ئي مرندا،
(پر او سائين! تصور بہ،
سجاڳيءَ جو سپنو آهي،
سپنو حقيقت ٿيندو ناهي.)
جو تہ مون ماضيءَ جي آئيني آڏو،
چرندڙ پرندڙ هر ڪو منظر،
اڪئين ڏٺو هئو ۽ سمجهيو هو،
تون ۽ مان،
زندگي ۽ موت جو ميلاپ آ،
هڪ جنم جو ٻئي جنم سان،
عمر ڀر جو ساٿ ۽ سهڪار آ.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو حصو (ٻيئي پاڇا مرڪڻ وارا)
موت (13_2)

پوءِ جڏهن،
وقت جي وهڪري ۾ وهندي،
تو ٻه ڪنهن پتڪيل جيان،
ڪنهن جي هيسائڻ ۽ ڌمڪائڻ اڳيان،
پنهنجي ماضيءَ جا سيئي واعدا وساري،
پنهنجي جذبن ۽ احساسن کي ماري،
پنهنجي ننڍڙا اکڙن نيڻن جي آڏو،
ڪنهن جي جِيوَن جي سيني ۾،
وڇوڙي جا وڏا وڍ ڏئي،
ڪنهن جي اميدن جي لا شي کي لتاڙي،
پنهنجي ماضيءَ جي پيانڪ شور آڏو،
تو جُهڪي سجدو ڪيو هئو،
ڪنهن ٻئي خدا کي،
ڏارئين خدا کي،
تون خدائن کي ٻه بدلائي سگهين ٿي،
تو ۾ ايڏي سگهه آهي۔
ڪاش...!!
مون ۾ ايڏي سگهه ٿئي ها!
منهنجي جِيوَن جي من مندر ۾،
بيٺل،
ڪيترن بي ڏوهي بتن کي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوڙي،
دل جي ويرانين ۾ روح جي صحرائن.
اندر ڪا دانهن ۾ ڪا آهه بڻجي،
ڪو ويچوڙي جو واءُ بڻجي،
منهنجي جِيوَن ۾ ڪو طوفان اٿاري،
وئين هلي، تنهائيءَ جي واٽ تي،
اجنبي ۾ ڏاري بڻجي!
۾ پل گهڙيءَ ۾،
مان بڻجي ويس ڪو اجنبي،
اڻ ڏٺل اڻڄاڻ ڪوئي ڏاريو!
پوءِ بڻجي اجنبي،
انتها ۾ انجام تي سوچڻ لڳس.
۾ انهن ماضيءَ جي پولارن ۾ گم ٿي،
پاڻ کي ڳولڻ لڳس،
ڳيا ڳيا ٿيل وجود کي ڳولڻ لڳس.
۾ انهيءَ ماضيءَ جي پولارن اندر،
زندگي ۾ جيت کي جانچڻ لڳس.
۾ ڪيل ماضيءَ جي ڪنهن ڏوهه تي،
سوچڻ لڳس لاش بڻجي،
نيٺ آخر پين ۾ ڪاغذ کڻي،
وصيت لکڻ لئه،
سوچڻ لڳس،
خودڪشيءَ جي ڀيانڪ موت جي،
منظر مٿي سوچڻ لڳس.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيون حصو: "ٻيئي پاڇا مرڪڻ وارا"
موت ڪانپوءِ (13_3)

موت ڪانپوءِ
منهنجي وڇوڙي جي وڏيل هن لاش کي،
پُورڻ بجاءِ، دفنائڻ بجاءِ،
پرهه جو مکڙين مٿان پيل ماڪ جي،
پاڪ پاڻيءَ سان وهنجارڻ بجاءِ،
عطر ۽ عنبير کي هارڻ بجاءِ،
مون کي ماضيءَ جي يادن جو،
آڪاڙو يا قبرستان سمجهي،
(ڇو تہ منهنجو تنها وجود،
ماضيءَ جي ڪيترين ئي،
ننڍڙين ننڍڙين قبرن نما،
يادن ۽ واقعن جو،
هڪ وڏو قبرستان آ.
جيڪو هينئر هڪ لاش آ،
جنهن کي ماضيءَ ۾ ڪيل عملن،
۽ ڏوهن سميت،
ڪنهن قبر کوٽڻ بجاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏرتي ماءُ کي ايذائڻ بجاءِ،
ناڪام حسرتن جي هن لاش کي،
ڪنهن درياءَ يا واهه ۾ لوڙهڻ بجاءِ،
ڪنهن مڏيءَ ۾ يا مساڻن ۾ رکي،
باهه جا پنبيٺ جلائي ساڙ جو...!
۽ لاش جي ان رک کي سانڍڻ بجاءِ،
سنڌوءَ جي وهندڙ ڪنهن سير ۾،
ڪنهن لهر جي حوالي ئي ڪجو!
ڇو ته:
مان نٿو چاهيان ته منهنجي موت بعد،
ڪا قبر کوٽي وڃي،
ڌرتيءَ کي ايذايو وڃي.
مان نٿو چاهيان ته منهنجي قبر تي،
اجنبي مرحوم جي مرقد جيان،
نانءَ جي تختي لڳائي وڃي-
۽ گلن جي ڪائي ورڪا ڪئي وڃي،
روج راڙو ۽ وڏا رانياٽ ٿين...
پير ۽ سيّد جيان-
ڪا پرستش ۽ ڪا پوڄا پاٺ ٿئي،
مان نٿو چاهيان ته ڪو پوڄي مون کي،
ڇو ته پوڄا ۽ پرستش ڪفر آ،
۽ مان نٿو چاهيان ته ڪو ڪافر ٿئي!!

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿون حصو: ”ٻيئي پاڇا مرڪڻ وارا“

دوستي ۽ دشمني (13_4)

پر وڏي جا ڳالهہ آهي،
دوستن ۽ دشمنن جي...!!
مان نٿو چاهيان تہ منهنجي لاش تي،
ڪوئي ڪلي، ڪوئي روئي،
ڪنهن جي اک آلي هجي.
ڪوئي ڪلي مرڪي پيو،
مان نٿو چاهيان تہ مون ڪانپوءِ ٻيي،
ڌرتيءَ جي سندر ڇاتيءَ مٿان،
مقبري ۽ قبر جي ئي روپ ۾،
منهنجي ماضيءَ جو ڪو نشان هجي،
مان نٿو چاهيان تہ مون ڪان پوءِ ڪو،
منهنجو ئي دوست،
منهنجي مرقد جي مٿان،
گلڙن جي ڪو ور ڪا ڪري،
ٽارين منجهان گلڙا پٽي مڪڙيون ڇني،
گلڙن کي ڪو ايذاءُ ڏئي،
مڪڙين جو ڪو ڄيوَن کسي،
قبرن مٿان مُردن مٿان،
۽ زنده لاشن مٿان،
ور ڪا ڪري...!!
مان نٿو چاهيان گلن جي زندگي،
مُردن مٿان قربان ٿئي.
مان نٿو چاهيان تہ مون ڪان پوءِ ٻيي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏک درد، پيڙائن ۽ منهنجي ڪري،
ڪنهن ستايل اک منجهان ڳوڙها ڪرن،
ڌرتي ڳهي واڳونءَ جيان،
۽ چون:
مرحوم ڏاڍو هئو چڱو...!!
مان نٿو چاهيان تہ مون ڪان پوءِ ڪو،
منهنجو ئي دشمن،
منهنجي ئي لاشي مٿان، مرقد مٿان،
جيئرا ۽ جاڳندا گلڙا ڏسي،
سڙندو رهي پچندو رهي،
۽ ايئن چوي:
هيءُ وڏو مڪار دوکي باز هئو،
تنهن ڪري،
مان نٿو چاهيان تہ مون ڪان پوءِ ٻيو،
هن دکياري ۽ دکي ڌرتيءَ مٿان،
منهنجي ماضي ۽ وجود جو ڪو نشان هجي،
ڪو ڏسي روئي پوي،
۽ ڪو ڏسي بيٺو کلي،
تنهن ڪري منهنجي پنهنجي لاش کي،
منهنجي ئي خواهش مطابق،
پورڻ بجاءِ باهہ ڏيئي ساڙ جو،
جيئن اُلا ڪي آڳ جا،
آڪاش ۽ ڌرتيءَ مٿان،
تاريڪي ۽ اوندهہ کي تڙي،
ڏڪاري ڏار ڪن،
۽ سچ جا روشن ڪرڻا ٻٽي،
(ڌرتي سڄي) سنڌ کي روشن رکن.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد نظم
مان اهو شيطان آهيان (14)

هو چون ٿا هو وڏو خوددار آ،
هو هٺيلو آ وڏو،
ڪنهن اڳيان ناهي جهڪيو،
پنهنجن ارادن تي اٽل،
چڙهه سمنڊ ۾ ڪو جبل،
جنهن کي لهرون سمنڊ جون،
ڪين ٿيون چوري سگهن،
ڪين ٿيون پوري سگن،
۽ ڪري سجدا وريو موٽيو وڃن،
هو چون ٿا آ هماليه جيان آڏول،
زلزلي طوفان ۾ پيي،
ڪين ٿو پنتي هٽي،
۽ نٿو نوڙي جهڪي،
ڪنهن ڏاڍ آڏو جبر آڏو،
ڪين جُهڪيو آ ڪڏهن،
ڪو وڏو شيطان آهي،
جو نہ جُهڪيو آ ڪڏهن،
مان مڃان ٿو...!!
مان اهو شيطان آهيان،
جو نہ جهڪيو آ ڪڏهن،
ڪنهن ڏاڍ آڏو جبر آڏو،
مون نہ ڪيو انسان کي سجدو،
مان اهو شيطان آهيان،
جيڪو پٽر جو نهيل،
بت جيان ترا شيل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪعبي اندر، آهيان تنگيل،
عزم استقلال سان،
ڏاڍ آڏو ڏاڍ سان،
مان اُهو شيطان آهيان،
جنهن نہ ڪيو انسان کي سجدو،
پر اهو انسان ساڳيو،
مون اڳيان پيو ٿو جهڪي، سجدا ڪري،
نفرت جا پٿر هٿ ۾ کڻي مون کي هڻي،
پهريون مون آڏو جهڪي،
پٿر کڻي مون کي هڻڻ،
انسانيت جي هار آ...!
مان اهو شيطان آهيان،
جنهن کي ڪيئي لک ڪروڙها چونڊو،
چوري نہ سگهيا پوري نہ سگهيا،
ڪيئي حاجي لک ڪروڙ ها،
ڪين ڪيرائي سگهيا هن،
پر جُهڪي پٿر کڻي مون کي چُتيو ٿن،
مان اهو شيطان آهيان،
جنهن نہ ڪيو انسان کي سجدو،
ڇو تہ،
مون وٽ بہ ڪوئي عزم آ،
مقصد بہ آ منزل بہ آ،
جنهن اڳيان ڪو ڏاڍ ڪائي شيءِ نہ آ،
جبر ڪائي شيءِ نہ آ...
مان اهو شيطان آهيان،
جنهن اڳيان،
ڇوليون هڻندڙ انسانن جو سمنڊ،
ڪائي شيءِ نہ آ،
جنهن اڳيان حاجين جا اڇلايل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽر تہ ڇا،
بم بہ ڪائي شيءِ نہ آ،
جن کي پٽر جي ٽڪر تي ناز آ...
ڇو تہ منهنجي عزم ۽ حوصلي اڳيان،
پٽر تہ ڪائي شيءِ نہ آ،
ڇو تہ مان پٽر جو نهيل هان.
پاڻ کي زخمي ڪرائي،
ڇيچلائي ۽ ڦٽائي،
ڪنهن کي ٿو حاجي بڻايان،
ڪنهن جا ٿو گناهہ لاهيان...
پوءِ بہ منهنجي حيثيت حاجين کان آ متي،
مان انهيءَ ڏرتيءَ تي آهيان،
جا گناهن کان پاڪ آهي...
مان اهو شيطان آهيان،
جنهن کي جُهڪائڻ واسطي،
پٽر تہ ڪائي شيءِ نہ آ،
منهنجي ارادن جي اڳيان،
ايتم بم بہ ڪائي شيءِ نہ آ،
ڇو تہ،
مان نہ جهڪيو هان ڪڏهن،
ڪنهن جبہ آڏو، ڏاڍ آڏو،
پر جُهڪيا آهن لکين منهنجي اڳيان،
نفرتن جا پٽر ڪڻڻ لئہ،
مون اڳيان...
مان اهو شيطان آهيان،
جنهن نہ ڪيو انسان کي سجدو،
پر ڪيو انسان سجدو...!!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مانيٽي اوني جي موت تي)
لاوارث لاش

هر انسان جو لاش،
جيڪو لاوارث آهي،
جنهن جو ڪو بہ وارث ناهي،
مان محسوس ڪندو آهيان،
اهو لاش منهنجي ئي وجود جو لاش آهي،
منهنجو موت منهنجن وارثن کي،
جنم ڏيندو آهي،
۽ منهنجو جيون مون کان منهنجا وارث،
ڇني ڌار ڪري ڇڏيندو آهي.
جڏهن مان ڌرتي ۽ ڌرتي واسين لاءِ،
جڏهن مان سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ،
اجهي، اني، لٽي،
سک، سڪار ۽ شانتيءَ جا،
گيت ڳائي جيون جي هُن پار،
موت جي ماڳ تي هليو ويندو آهيان،
جڏهن دنيا ۽ انسانيت لاءِ،
جنگ بجاءِ امن جا،
غلاميءَ بجاءِ آزاديءَ جا،
نغما آلاپي ۽ گيت ڳائي،
موت سان هٿ هٿ ۾ ملائي،
هليو ويندو آهيان، تڏهن منهنجا هزارين
وارث،
پيدا ٿي پوندا آهن...

زندگي مون کان منهنجا وارث،
کسي وٺندي آهي،
زندگيءَ ۾ منهنجا ڪي بہ وارث،
هڏ ڏوڪي ناهن،
۽ ها...!!
زندگي مون کي،
مرڪ بجاءِ لڙڪن جا،
محبت بجاءِ نفرت جا،
نذرانا آڇيندي آهي.
ان وقت ڪو بہ منهنجو وارث ناهي هوندو-
۽ جڏهن هڪ انسان لاءِ،
جيوَن ۽ موت اجنبي بڻجي ويندو آهي،
زَندگي ۽ موت جا سڀ چوواٽا،
بند ٿي ويندا آهن،
ختم ٿي ويندا آهن،
تڏهن هڪ نئون گس،
نئين واٽ ۽ نئون پيچرو جنم وٺندو آهي...
جنهن جو گذر سنڌو درياءَ جي،
42 نمبر دروازي کان ٿيندو آهي،
جتان ڪڏهن نہ ڪڏهن،
اڄ يا سڀاڻي،
توکي، مون کي ۽ هن کي،
گذرڻو آهي،
گذرڻو پوندو...!!

❊

لاوارث لاش (2)

مان هڪ شاعر جو،
لاوارث لاش آهيان،
جنهن جو پوليس ڪانسواءِ،
ڪو بہ وارث ڪونهي،
جيڪو اڻ ڏٺل ۽ اڻ سڃاتل آهي.
مان لاش آهيان،
هڪ شاعر جو هڪ انسان جو،
هر شاعر انسان هوندو آهي،
پر
هر انسان شاعر ناهي هوندو.
شاعر جا لکين وارث هوندا آهن،
پر جيون توڙي موت بعد،
پوليس ڪانسواءِ منهنجو ڪو بہ،
وارث ڪونهي...!!
مان هڪ شاعر جو لاش آهيان،
جيڪو ڪٿين جڳن کان، جنمن کان،
تنها ۽ اڪيلو آهيان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو ڪو بہ ساٿي سنگتي ناهي،
هر انسان جي زندگي،
ماڻهن جي ڇولين هٽندڙ سمنڊ،
جهڙي هجوم ۾ بہ،
تنهائي ۽ اڪيلائيءَ جو اونداهو،
غار هوندي آهي،
جتي روشنيءَ جو ڪو بہ ڪرڻو ناهي پهچندو،
جتي روشنيءَ جو تصور اونداهو هوندو آهي،
جتي جڳن تائين روشنيءَ جو احساس،
ناهي هوندو.
جڏهن جيوَن جون سڀ راهون اونداهيون،
ٻڏجي وينديون آهن،
تڏهن هڪ ئي روشن راهہ کلندي آهي،
جنهن جو رخ آپگهات ڏانهن هوندو آهي،
ڇو تہ ڪڏهن ڪڏهن آپگهات ۽ موت،
۾ بہ زندگي ملندي آهي،
۽ جڏهن موت زندگي ٻڏجي ويندي آهي،
پوءِ ڪو بہ مارڻ وارو ناهي رهندو...!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاوارث لاش (3)

جڏهن مان زنده هوندو آهيان،
تڏهن جيوَن عذاب هوندو آهي،
۽ پيٽ جو دوزخ دڙڪو بڻيل هوندو آهي،
۽ جڏهن موت منهنجو مهمان بڻبو آهي،
تڏهن منهنجي نالي تي،
سوين بڪايل ملان مولوي ۽ پنڊت،
پنهنجي پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ،
۽ ازلي پياس اجهائڻ لاءِ،
منهنجي لاش مٿان گجهن جيان،
لامارا ڏيندا آهن،
جڏهن مان زنده هوندو آهيان،
تڏهن منهنجو جسم،
ننهن کان چوٽيءَ تائين،
ننگو ۽ اگهاڙو هوندو آهي...!!
جڏهن مان مري ويندو آهيان،
تڏهن منهنجي لاش کي ڍڪڻ لاءِ،
سوين قسم جا ڪپڙا پهچي ويندا آهن،
۽ ها! صرف منهنجي مرده جسم جي نالي تي،
ڪئين اگهاڙا عيدون ڪندا آهن،
ڪئين ننگا ڍڪجي ويندا آهن،
ڪئين بکيا ڍاپي ويندا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ها...!!
هاڻي موت پڇاڙان چاهيان ٿو تہ،
مان هر جنم ۾ مرندو،
۽ مري وري جيئندو رهان،
ايستائين، جيستائين،
منهنجو موت هر انسان جي زندگي بڻجي وڃي،
۽ منهنجي زندگي مون لاءِ موت...!!
منهنجو موت پونيرن لاءِ،
سک شانتيءَ جو پيغام آڻي،
منهنجو موت انسانن لاءِ،
امن ۽ آزاديءَ جو اهڃاڻ بڻجي،
منهنجو موت مون لاءِ زندگيءَ-
کان بہ وڌيڪ اهميت وارو آهي.
مان چاهيان ٿو تہ،
مان هر دؤر ۾ مرندو ۽ جيئندو رهان،
جيئندو ۽ مرندو رهان،
جيئڻ منهنجي موت بهاني،
دنيا جا سڀ بکيا ڍاپجي وڃن،
دنيا جا سڀ ننگا ڍڪجي وڃن،
دنيا جا سڀ غلام آزادي وٺن،
تيستائين مان چاهيان ٿو تہ،
مان مرندو رهان،
مان جيئندو رهان...!!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاوارث (4)

مان هڪ لاوارث لاش آهيان،
جيڪو زندگيءَ سان سڀ لڳ لاڳاپا،
ناتا ۽ رشتا ٽوڙي،
موت جي هنج ۾ ابدي ننڊ لاءِ،
وڃي رهيو آهيان...
زندگيءَ جا سمورا،
سچ، ڪوڙ،
سور، سختيون،
آشائون، پيڙائون،
هار ۽ جيت،
سيني منجهه سانڍي سنڌوءَ جي وهندڙ،
ويرن ۽ لهرن ۾ پناهه وٺڻ وڃي رهيو آهيان...
پنهنجي ذات ۽ پنهنجي ذات کي،
سنڌوءَ جي ڇوهه ڀريل ڇولين جي،
حوالي ڪرڻ،
پنهنجا لڙڪ ۽ پنهنجون مرڪون،
سنڌوءَ کي آڇڻ...
ڇو ته هن ڌرتيءَ تي منهنجو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو بہ دوست ۽ ساٿي ناهي،
منهنجا دشمن منهنجي ڌرتيءَ جا،
وارث آهن!
تنهن ڪري وڃي رهيو آهيان،
پنهنجي لڳن لاڳاپن،
دوستين ۽ دشمنين کي،
سنڌوءَ ۾ پوڙڻ...!!
مان هڪ لاوارث لاش آهيان،
جنهن جو سنڌوءَ ڪانسواءِ ڪو بہ،
وارث ڪونهي،
تنهنڪري وڃي رهيو آهيان،
سنڌوءَ جي ڇوهہ ڀريل ڇولين کي،
پنهنجا دک، درد، پور ۽ پيڙائون،
ٻڌائڻ.
مون جن لاءِ گيت لکيا ۽ گيت ڇپيا،
تن مان ڪو بہ منهنجو وارث ڪونهي،
ڪو بہ منهنجو پنهنجو ڪونهي،
مان ماريو ويو آهيان،
پنهنجن ۽ پراون هٿان،
سندن بي توجهي ۽ بي وسيءَ ذريعي،
دوستن ۽ دشمنن سان،
پيار جي ڌوهہ ۾...!!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

ذهن تي تالا، زبان تي مهرون،
اِها روايت جتي ڪتي آ!
نڪو هِتي آ نڪو هُتي آ،
اِها روايت جتي ڪتي آ!

ڪلڻ بہ سمجهيو وڃي ٿو خواري،
رئڻ بنان ٻي رهڻ نٿو ٿئي!
رئڻ لکڻ ٻي ٻين جي هٿ وس،
اِها روايت جتي ڪتي آ!

جيئڻ جي قيمت ظلم ستم آ،
مرڻ بہ پنهنجي نہ وس ۾ آهي!
مرڻ تي بندش جيئڻ تي بندش،
اِها روايت جتي ڪتي آ!

پريت پهري جي پاڇي هيٺان،
پئي ٿي پلجي تڏهن بہ پيارا!
جوان جذبا دليون پيون ڌڙڪن،
اِها روايت جتي ڪتي آ!

هتي بہ سرڪار آهي ساڳي،
چرڻ پرڻ کي چون ٿا سياست!
هتي بہ قانون ساڳيو ڪارو،
اِها روايت جتي ڪتي آ!

نہ ڏوهي عابد، نہ ڏوهي قادر،
هتي جو ڏوهي سماج آهي!
سڀ جو مادو ڪنهن ۾ ناهي،
اِها روايت جتي ڪتي آ!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

پنھوارن جي پڪڙن ۾ آهي خدا،
نہ مندر نہ مسجد ۾ آهي خدا.

خدا ڪنھن جي محلن نہ ماڙين ۾ هوندو،
جي هوندو تہ پڪڙن پراڻن ۾ هوندو.
خدا ڪنھن نہ ڪورٽ نہ ٺاڻن ۾ هوندو،
جي هوندو تہ ٺاڪن نڪاڻن ۾ هوندو.
ڳنوارن سان پيو ڳاهہ ڳاهي خدا،
نہ مندر نہ مسجد ۾ آهي خدا.

خدا ڪال ڪوٺين، نہ قيدن ۾ هوندو،
جي هوندو اسان جي اميدن ۾ هوندو.
خدا ڪين جڪڙيل زنجيرن ۾ هوندو،
جي هوندو تہ انسان ميرن ۾ هوندو.
ٿو جيلن جي ديوار ڍاهي خدا،
نہ مندر نہ مسجد ۾ آهي خدا.

نہ اوندهہ ۾ هوندو نہ غارن ۾ هوندو
جي هوندو پگھر جي ڦوهارن ۾ هوندو.
نہ ئي آسمان چنڊ تارن ۾ هوندو،
جي هوندو تہ پنين ۽ ٻارن ۾ هوندو.
ڏنارن سان گڏ ڏڍ ٿو چاري خدا،
نہ مندر نہ مسجد ۾ آهي خدا،
پنھوارن جي پڪڙن ۾ آهي خدا.

❊

(ٽيگور جي هڪ نظم کان متاثر ٿي لکيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

رسمن رواجن جون پيڙهيون اکوڙيون،
اچو عظمتن جا ڪي مينار جوڙيون!

جتي ڪو رواجن جو محتاج ناهي،
جتي ڪنهن جي ماضيءَ ڪي ڪو داغ ناهي،
جتي سچ جو ڪو به ڪرٽو نه آهي،
اتي روشنيءَ جي اماڙين ڪي ڪوڙيون،
اچو عظمتن جا ڪي مينار جوڙيون!

اچو سنڌ جي ڪائي تاريخ ناهيون،
جتي ڪين پڌجن غريبن جون آهون،
جتي قيد قهري نه قندا نه ڦاهيون،
اتي ئي اسين پنهنجي ماضيءَ ڪي موڙيون،
اچو عظمتن جا ڪي مينار جوڙيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي ڪو بہ درياءُ الٽو نہ وهندو،
جتي ڪو بہ طوفان اجايو نہ اٿندو،
جتي سچ تي ڪو ڪهاڙو نہ هلندو،
اتي ڪوڙ ۽ ڪچ جي ڀيڙيءَ کي ڀوڙيون،
اچو عظمتن جا ڪي مينار جوڙيون!

جتي زندگيءَ تي نئون گيت ٺهندو،
جتي ڪو بہ ڪوڙو ڪو سپنو نہ لهندو،
جتي زندگيءَ سان نہ گڏ موت رهندو،
اتي ئي اسين پنهنجي خيمن کي کوڙيون،
اچو عظمتن جا ڪي مينار جوڙيون!

جتي ڪو بہ "منصور" سوريءَ نہ چڙهندو،
جتي ڪو بہ سقراط وهہ ڏڪ نہ پيئندو،
جتي ڪو بلاول گهاڻي نہ پِسندو،
اتي ئي اميدن جي لاشن کي لوڙهيون،
اچو عظمتن جا ڪي مينار جوڙيون!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو،
اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو.

اسان کي پيدا ڪيو ويو،
اسان کان چونہ پڇيو ويو،
مرڻ ڪونہ ڏنو ويو،
جيئڻ ڪونہ ڏنو ويو،
اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو.

پڙهياسين قرب جا ڪلما،
ڪياسين پيار جا سجدا،
فرض کي ڪفر سڏيو ويو،
متي صليبن ٽنگيو ويو،
اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو.

سدائين ويجها رهياسين،
ڪلي خوشيءَ سان ملياسين،
ڏڪاري ڏار ڪيو ويو،
گهٽو ئي خوار ڪيو ويو،
اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوءَ کي ديش چيو سين،
وڏو کو ڏوهہ کيو سين،
تڏهن غدار چيو ويو،
سوريءَ کي تيار کيو ويو،
اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو.

چيو سين پيار کي مذهب،
سڏيو سين سنڌ کي ڪعبو،
حقن تي ڌاڙو هنيو ويو،
ڏوهن ۾ قيدي کيو ويو،
اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو.

صبر سان سيڪي سٺو سين،
کهائي پاڻ ڏنو سين،
ظلم بہ سيکي سٺو سين،
ڌڙن کان ڌار کيو ويو،
اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو.

قبر "قادر" جي کنئي ويئي،
گلن جي ورکا کئي وئي،
جيئڻ کي ظلم چيو ويو،
مرڻ تي روج کيو ويو،
اسان سان ڏاڍ ڪَيو وَيو!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چؤستا

هر سنڌيءَ جو لاش، لاوارث بڻيو،
ڪير پنهنجي لاش کي پنهنجو چوي؟
ائين نہ ٿئي جو سنڌ لاوارث ٿئي،
سنڌ کي سنڌي نہ ڪو پنهنجو چوي!

او اديبو! او سنڌي دانشورو!
قلم پنهنجي کي ڪليشنڪوف ڪيو!
ڪو متان ”سنڌيءَ“ کي لاوارث چوي!
پنهنجي ٻوليءَ جو اتي تحفظ ڪيو!

او ٻي دردو، دهشت گردو!
رت سنڌين جو ٿهڪي آ اٿيو،
اڄ تنهنجي وجود جو خير نہ آ،
هر ٻار ٻڍو جاڳي آ اٿيو.

ٻي وطن قاتل سمورا هڪ ٿي ويا،
۽ ڏٺي ڌرتيءَ جا هڪيئي ڪان جدا!
ختم پنهنجو پاڻ کي خود ٿا ڪريون،
۽ چئو ٿا ڏوهہ سڀ ڌارين جو آ!

ڪو سنڌي نڪتو نہ آ ماريو نہ آ،
هر گهٽي هر وات جڙ آ ڪوس گهر!
وطن پنهنجي ۾ ٿيا سون ٻي وطن،
سنڌ پنهنجيءَ ۾ سنڌي سڀ دربدر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي ٿو اوهان وٽ وفائن جي قيمت،
جفائن سواءِ ڪجهه به ناهي او سائين!
لڳي ٿو اسان جي دعائن جي بدلي،
دغائون اوهان جو آ دستور سائين!

پيلي پيا آزمايو، جيسين سِرَ ۾ ساهه آ سائين!
اسان وٽ حوصلي هارڻ جي ڪائي رسم ئي ناهي.
پيلي دهشت ۽ وحشت کي پنهنجو دستور پيا ڪونيو،
اسان جي سهپ ۽ برداشت جو ڪو انت ئي ناهي.

اوهان سمجهو، اسان جي جذبن جو نه ڪوئي ملهه آ نه ڪائي قيمت،
اوهان ٿا پانيو اسان جي سيني ۾ نه ڪائي دل آ نه ڪوئي ڌڙڪو،
اسان ڪو پٿر جو بت نه ناهيون پُري نه ڪوئي ڇُري نه ڪوئي،
اسان به متيءَ جا آهيون ماڻهو، اوهان جو سمجهي سگهون ٿا دڙڪو.

اسان جي دل ۽ دماغ وچ ۾، وجود ميدان جنگ بڻيل آ،
اسان جي سوچن اسان جي لوچن، اسان جي جذبن ۾ جنگ جاري،
عقل هلي ٿو اصول ناهي ۽ عشق وٽ ڪو اصول ناهي،
خبر نه آهي ته ڪير ڪتندو، عقل ٿو جيتي يا دل ٿي هاري.

زبان جي ڳالهه اکين سان ٻڌائي ڇڏبي آ،
اکين جي ڳالهه اکين سان ٻڌائي ڇڏبي آ،
اڙي بدذوق زماني جو ڇو خيال ڪجي،
دلين جي ڳالهه دلين سان ٻڌائي ڇڏبي آ.

❋

وفا جي بدلي وفا گهرڻ پنهنجي ريت نه آ،
وفا پيلي نه ملي پر وفا ڪبي رهبي،
زمانو پيل نه محبت مٿان زنجير وجهي،
اسان جي رسم آ محبت ادا ڪبي رهبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان تہ سمنڊ محبت جو پاڻ کي چاتو،
مگر نہ سُر کي پياريو تا پيار جي سائين!

❊

تون رات کي جي ڏينهن چوين ڏوهہ آ ڪنهن جو،
تون ماٺ کي جي موت چوين ڏوهہ آ ڪنهن جو،
هي رات، ماٺ جي چادر پلي پئي اوڍي.

❊

هڪ نظم
”ڪنهن پي نہ ڏني“

پيار ڪٺي ڪنهن پي نہ ڏني، هو در در آيو روح پني!
نظرون اٿڪيون تارن ۾ ئي تڙپي پونءِ ميار ڏني!

امرت ويلا وِهہ جي وٽ وو، اڪ جون قلتڙيون پيچ پني،
وڻ ٿي چا نگهيئہ تو سمجهيو وو، ليڪن ڪنهن جي چانو چني،
سُڏڪن تي جا شيام پلي وو، ڪلندي سا دل ڪين نہ ڏني.

جنهن ڏات وکي جنهن رات وکي سي پيئي برابر،
جنهن ڪلڪ سنڌو ڪت پڳو سو نہ اسان مان،
جنهن سنڌ متان جند ڏني سو تہ امر آ،
جنهن نان متان شان وکيو سو نہ اسان مان!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي

جِيوَن سارو جنگ او ساٿي،
جِــيــوَن ســارو جــنــگ.

ويڙهہ بنان ٻي واهہ نہ آهي،
سوڙها رستا تنگ او ساٿي،
جِــيــوَن ســارو جــنــگ.

رت بہ رنگ وجائي ويني،
اچو رت جو رنگ او ساٿي،
جِــيــوَن ســارو جــنــگ.

لاشن تي لامارا ڏيندي،
وحشي ٿي پيا ننگ او ساٿي،
جِــيــوَن ســارو جــنــگ.

جوءِ ۾ جُوءِ اسان جي غيرت،
پيئي پنهنجو ننگ او ساٿي،
جِــيــوَن ســارو جــنــگ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانـي پـاڻـيءَ ۾ ڪـو پـتـر،
اڇلـي ڏس پـو رنـگ او سـاتـي،
جِـيـوَن سـارو جـنـگ.

سنڌوءَ جي ڇاتيءَ مان ايري،
هر هڪ سونو سنگ او ساتي،
جِـيـوَن سـارو جـنـگ.

سچ جو ڪوئي سچ اياريون،
ڏيئي ريتو رنگ او ساتي،
جِـيـوَن سـارو جـنـگ.

مرڪ به هنڙي ملهه گُهري تي،
دنيا تي وئي دنگ او ساتي،
جِـيـوَن سـارو جـنـگ.

ڪوڙ جو ڪوٽ ڍهڻ تي آهي،
جهر جهنگ نعرو جنگ او ساتي،
جِـيـوَن سـارو جـنـگ.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُحسن دوست منصور قادر جوڻيجو، جيڏي قُدرتَ ڳالهائڻ تي رکي ٿو، ايڏي ئي سندس قلم ۾ قُوتَ آهي. سياست، سماجيات، تاريخ ۽ ادب جو هي ماڻهو، سچ تہ اَمُلهہ ماڻڪ آهي. سندس شخصيت ۾ منافقي بِنَہ ڪانهي، پُوري سچائيءَ سان ساراهہ ڪرڻ جو قائلُ ۽ اصلاحي تنقيدَ جو حامي، پنهي معاملن ۾ رعايت ڪي ڏوهہَ سمجهندڙ هي شخصُ، پَنهنجَي عملن جَي پَوِتَرتا جو داعي ناهي. منصور قادر جوڻيجو نثر جي حوالي سان پُختوءِ بي ڊپو ليڪاريِ آهي، هُن پنهنجي لَيکَنِ ۾ مصلحت ڪان ڪم ناهي ورتو، سچيون ۽ ڪريوِن ڳالهيون بيخوف ٿي لکيون آهن. منصور جي شاعريِءَ ۾ اُتساهہ جِي سَگهہ، ۽ بهتر آئيندي جِي آس آهي، هُو پنهنجي ڪَوِتائِنِ ۾ باطل قوتُن ڪي لَلڪاريندي نظر اچِي ٿو، جيئن: "جَوءِ ۽ جُوءِ اسان جِي غيرت، ٻيئي پنهنجو ننگُ او ساٿي." هُو مُرڳِن جي محفل ۾، لالچ ۽ لوڀَ ڪي محسوس ڪري ٿو، تہ سندس قلم جي نوڪ مان لکجي وڃي ٿو: "مُرڳَ بہ هتڙي مُلهہ گهُري ٿِي، دنيا ٿِي وئي دنگ او ساٿِي." منصور قادر شاعريءَ ۾ نظم، آزاد نظم، غزل ۽ وائيءَ جي صنفن سان خُوب نڀايو آهي، سندس شاعريِ پڙهندي خيالَ، منظرن پويان ڊوڙڻ لڳن ٿا، ڇو تہ هُن جِي عڪس نِگار ذاتِ، ايئن ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿِي. منصور قادر جوڻيجو جي غزل ۾ مڪمل ردم موجود آهي، جنهن ڪي پڙهڻ سان مَنَ اندر ۾ سُرَ ۽ سازَ جاڳِي پَوَنِ ٿا، جيئن سندس غزل جون سٽون: "جِتي ٿُنهنجي جيون جا آثار هوندا، اُتي ڪوبہ سيارو اُونهارو نہ هوندو." پڙهڻ سان موسيقيءَ جا سُرَ ڪنن ۾ پُرڻ لڳن ٿا. منصور سڄي عمر شهري ماحول ۾ گذارڻ باوجود، رائيس ڪئنال جي ڪنڌِيءَ آباد، "گهاڙِيءَ" ڪي نہ وساريو آهي، ڳوٺ جِي ڳالهہ ڪندي، اباڻن ڳَڪِنِ سان سندس سِڪَ جو اظهارُ، نِمايان نظر اچي ٿو. لڳ ڀڳ اڌ صدي حيدرآباد ۾ رهڻ ڪان پوءِ بہ، منصور جا خوابَ، ڳوٺ ۾ رهن ٿا. دعا آهي تہ سنڌ جي هِن عاشق جا، سَپُنا ساڀِيا ماڻِين.

گل ڪونڌر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جـو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهنـدڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهنـدڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهنـدڙ بہ ٿـي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهندڙ نَسُل جو مقصد عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَ نَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَ نَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book